جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه

جلد 16 | خميس 21 مئي 2026ع بمطابق 04 ذوالحج 1447هه | قيمت: 20 | شمارو 225

ٽرڪن، ٽرالرن ۽ هيوي لوڊنگ گاڏين شهر کان ٻاهر ٽرمينل قائم ڪرڻ جو فيصلو

جيڪو نادرن بائي پاس تي ٺاهيو ويندو. ان سان گڏ، ڳري گاڏين جي حرڪت کي آسان بڻائڻ لاءِ ڪراچي پورٽ کان تجويز ڪيل ڳري گاڏين جي ٽرمينل تائين هڪ خاص ڳري گاڏي ٽريڪ پڻ ٺاهيو ويندو : شرجيل انعام ميمڻ

منصوبو شهر ۾ ڳري ٽرئفڪ جي دٻاءُ کي گهٽائيندو ۽ ٽرانسپورٽ سسٽم کي بهتر بڻائيندو. سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي بورڊ جي هڪ اهم اجلاس

اجلاس ۾ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، ايم ڊي ايس ايم ٽي اي سليم الله اوڊو، ڊي آءِ جي ٽريفڪ پير محمد شاهه ۽ ٻيا اعليٰ عملدار شرڪت

اجلاس ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ شهري ٽرانسپورٽ سسٽم کي بهتر بڻائڻ، ٽرئفڪ جو دٻاءُ گهٽائڻ ۽ ماحول دوست سفري سهولتن کي فروغ ڏيڻ لاءِ مختلف منصوبن تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو

بورڊ جي اجلاس ۾ ڪراچي ۾ جلد اي وي ٽيڪسي سروس شروع ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو، منصوبي تي عملي پيش رفت کي تيز ڪرڻ لاءِ هن مهيني مالي تشخيص کي کولڻ جي منظوري ڏني وئي

اجلاس ۾ ڪراچي لاءِ 50 نيون ڊبل ڊيڪر بسون خريد ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو ڊبل ڊيڪر بسن جو مقصد شهري نقل و حمل ۽ مسافرن جي وهڪري کي بهتر بڻائڻ آهي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ ترڪن، ٽرالرن ۽ هيوي لوڊنگ گاڏين لاءِ شهر کان ٻاهر هڪ جديد ٽرمينل قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جيڪو نادرن بائي پاس تي تعمير ڪيو ويندو. ان سان گڏ ڪراچي پورٽ کان تجويز ڪيل هيوي ويهڪلز ٽرمينل تائين هڪ خاص هيوي ويهڪل ٽريڪ پڻ تعمير ڪيو ويندو ته جيئن ڳرين گاڏين جي اچ وڃ کي منظم بڻائي سگهجي. سنڌ جي سينيئر وزير /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

وزيراعظم شهباز شريف سان وفاقي وزير جي قيادت ۾ متحده قومي موومينٽ جي وفد جي ملاقات

وفد ۾ ايم ڪيو ايم جو اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار، قومي اسيمبلي ميمبر سيد امين الحق ۽ جاويد حنيف شامل هئا. ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءُ الله پڻ موجود هئا

ملاقات ۾ وفد وزيراعظم کي ايندڙ وفاقي بجيٽ جي حوالي سان ايم ڪيو ايم پاران تجويزون پيش ڪيون. ملاقات ۾ وفاقي حڪومت تحت سنڌ ۽ ڪراچي ۾ عوامي ڀلائي جي منصوبن جي حوالي سان پڻ تفصيلي ڳالهه ٻولهه

ايم ڪيو ايم وفاقي حڪومت جي اهم اتحادي پارٽي آهي جنهن حڪومت جو عوامي ڀلائي جي حوالي سان هر قدم ۾ ساٿ ڏنو آهي : وزيراعظم

وزيراعظم لاڳاپيل عملدارن کي ايم ڪيو ايم جي بجيٽ تجويزن تي غور ڪرڻ ۽ هڪ قابل عمل ۽ ٺوس حڪمت عملي جوڙي پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي

وزيراعظم لاڳاپيل عملدارن کي ايم ڪيو ايم جي بجيٽ تجويزن تي غور ڪرڻ ۽ هڪ قابل عمل ۽ ٺوس حڪمت عملي جوڙي پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ملاقات ۾ ملڪي سياسي صورتحال تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي

وزيراعظم شهباز شريف سان وفاقي تعليم واري وفاقي وزير ۽ ايم ڪيو ايم جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي جي قيادت ۾ متحده قومي موومينٽ جي وفد ملاقات

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف سان وفاقي تعليم واري وفاقي وزير ۽ ايم ڪيو ايم جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي جي قيادت ۾ متحده قومي موومينٽ جي وفد ملاقات ڪئي ۽ ايندڙ وفاقي بجيٽ جي حوالي سان ايم ڪيو ايم پاران تجويزون پيش ڪيون. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وفد ۾ ايم ڪيو ايم جو اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار، قومي اسيمبلي ميمبر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ايم ڪيو ايم جو وفد ملاقات ڪندي

قومي اسيمبلي پاڪ چين لاڳاپن جا 75 سال مڪمل ٿيڻ تي گڏيل قرارداد منظور ڪري ورتي

اجلاس جي دوران چيني وفد جي مهمانن جي گليري ۾ آمد تي ميمبرن ڊيسڪ وڄائي وفد جي آجيان ڪئي

اسپيڪر طرفان چيني وفد کي ڀليڪار چيو ويو. خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري طرفان چيني وفد جو پرجوش استقبال ڪيو ويو

ايران پاڪ چين جي وچ ۾ لاڳاپن جا 75 سال مڪمل ٿيڻ تي قرارداد گڏيل طور تي منظور ڪري ورتي

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي پاڪ چين لاڳاپن جا 75 سال مڪمل ٿيڻ تي گڏيل قرارداد منظور /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

آغا خان پاڪستان پهچي ويو، صدر پاران پرپور استقبال

نور خان ايئربيس تي صدر آصف علي زرداري ۽ خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري سندس استقبال ڪيو. آغا خان کي ايوانِ صدر ۾ اعزازي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو

هنزه ۽ گلگت بلتستان ۾ تياريون انتهائي تيزي سان ڪيون ويون آهن. هن گلگت ۽ هنزه جي عوام کي غربت مان ڪڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو

اسلام آباد(بيورو) پرنس رحيم آغا خان، جيڪو اسماعيلي برادري جو روحاني اڳواڻ آهي، اربع ڏينهن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: پرنس رحيم آغا خان دوري تي اسلام آباد پهچڻ بعد صدر ۽ خاتون اول طرفان استقبال ڪيو پيو وڃي

ڪانگو ۾ ايبولا وائرس تيزي سان پکڙجي ويو، فوت ٿي ويل ماڻهن جو انگ وڌي 131 ٿي ويو

ڪانگو ۾ ايبولا وائرس تيزي سان پکڙجي رهيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ وڌيڪ 26 فوتگيون رپورٽ ٿيون آهن

جمهوريه ڪانگو ۾ ايبولا وائرس سبب هينئر تائين فوتين جو انگ 131 ٿي ويو آهي

ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن وائرس جي پکيڙ سبب صورتحال تي عالمي ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي

ڪانگو (م د) ڪانگو ۾ ايبولا وائرس تيزي سان پکڙجي رهيو آهي جنهن کان پوءِ موذي وائرس سبب فوت ٿي ويل ماڻهن جو انگ وڌي 131 ٿي ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب ڪانگو ۾ ايبولا وائرس تيزي سان پکڙجي رهيو آهي جنهن جي نتيجي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

سنڌ سيڪريٽريٽ جي عمارت 6 جي گذريل 6 ڏينهن کان بجلي ڪٽيل، سرڪاري ڪم ٺپ

سنڌ سيڪريٽريٽ عمارت نمبر 6 ۾ گذريل خميس تي ڪجهه سببن جي ڪري عمارت جي بجلي ڪٽي وئي هئي

بجلي نه هجڻ سبب ڪجهه کاتن جي آفيسرن آفيس ۾ ويهڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي ڪجه کاتن جا سيڪريٽريز جنريٽر استعمال ڪري رهيا آهن

سخت گرمي ۾ بجلي کان سواءِ آفيسن ۾ ويهڻ ڏکيو آهي بجلي نه هجڻ سبب آفيسن ۾ ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ ڊوائسز ۽ ٻيا اپلائنسز بند آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سيڪريٽريٽ جي بجلي نمبر 6 جي بجلي ڪاٽي وئي جنهن سبب عمارت 6 ڏينهن کان اونداهي ۾ ٻڏل ذريعن موجب سنڌ سيڪريٽريٽ عمارت نمبر 6 ۾ گذريل خميس تي ڪجهه سببن جي ڪري عمارت جي بجلي ڪٽي وئي هئي جنهن کان پوءِ اڃا تائين بجلي بحال نه ٿي آهي بجلي بند ٿيڻ سبب ان 6 ماڙ عمارت ۾ قائم سنڌ حڪومت جي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڪراچي ۾ تعليمي رپورٽرن ۽ صحافين جي رپورٽنگ لاءِ ٻن ڏينهن واري تربيتي ورڪشاپ ۾ شرڪت

ورڪشاپ جو اهتمام ٽرايجوڪيشن الائنس پاران فنڊ هر فيوچر منصوبي تحت ملالا فنڊ جي سهڪار سان ڪراچي ۾ ڪيو ويو

ورڪشاپ ۾ لاڙڪاڻو، ڪراچي، سکر، بدين، سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر مان 30 کان وڌيڪ صحافين شرڪت ڪئي

تعليمي بجيٽ ڪيئن تيار، مختص ۽ خرچ ڪئي وڃي ٿي، خاص طور تي ڇوڪرين جي تعليم ۽ صنفي برابري جي حوالي سان بجيٽ جو هجڻ لازمي آهي

احتساب جي ويجهي نگراني ڪن. ان موقعي تي ورڪشاپ جي شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن سان تعلق رکندڙ تعليمي رپورٽرن ۽ صحافين صنفي بنيادن تي تعليم جي بجيٽ ۾ فرق ۽ ڇوڪرين جي تعليم بابت مالي معاملن جي رپورٽنگ لاءِ ٻن ڏينهن واري تربيتي ورڪشا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪراچي ۾ تعليمي رپورٽرن ۽ صحافين جي رپورٽنگ لاءِ ٻن ڏينهن واري تربيتي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪئي آهي

آزاد جموں ۽ ڪشمير ۾ تقريبن ٻن سالن کان معطل تيل مائننگ لائسنسن جو اجرا ٻيهر بحال

اسلام آباد (بيورو) اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي) جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ٽي بي اڄ به سڄي دنيا ۾ صحت لاءِ سنگين چئلينج آهي: سيد مصطفيٰ ڪمال

اسلام آباد (بيورو) قومي صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال جنيوا ۾ ٽي بي ويڪسي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

منشيات فروشي جي الزام ۾ گرفتار انمول عرف پنڪي ڪيس جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي سامهون اچي وئي

ڪراچي (رپورٽر) منشيات فروشي جي الزام ۾ گرفتار انمول عرف پنڪي ڪيس جي جاچ ۾ اه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

شهري 22 ڪروڙ روپيه قرض کان بچڻ جي لاءِ پاڻ ئي ڪچي جي علائقي پهچي ويو

شهري نورالدين جي ڀاءُ آبپاره ٿاڻي ۾ پنهنجي ڀاءُ جي گمشدگي جي درخواست ڏني هئي

چار ڏينهن کان پوءِ مبينه مغوي جي فيملي کي ڪچي جي علائقي مان هڪ وڊيو اماڻي وئي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد جي شهري جو ڪچي جي ڌاڙيلن وٽ اغوا ٿيڻ واري معاملي جو ڊراپ سين ٿي ويو، شهري 22 ڪروڙ روپيه قرض کان بچڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

جبري شادي ، زبردستي طلاق ۽ پسند جي شادي تي سزا جرم هوندو سنڌ اسيمبلي ۾ بل پيش

نجب مرزا سنڌ پروهيبيشن آف ان لا فل جرگاز بل 2026 جمع ڪرائي ڇڏيو

هي بل غير قانوني جرڳن ، پنچائيتن ۽ پاڻ مرادو انصاف جي خاتمي لاءِ اهم قانونسازي جو بنياد آهي

ايف آءِ آر واپس وٺڻ لاءِ ڌمڪائڻ تي پابندي هوندي هر شهري کي مذهب ، ذات برادري ۽ جنس کان متاثرن تي تحفظ ڏنو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سنڌ اسيمبلي ۾ غير قانوني جرڳن ۽ متوازي انصاف جي خلاف بل پيش ڪيو ويو آهي خبر موجب سنڌ اسيمبلي ۾ چاٽايل بل پيش ڪيو ويو نجب مرزا سنڌ پروهيبيشن آف ان لا فل جرگاز بل 2026 جمع ڪرائي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

وفاقي حڪومت جو عيد الاضحيٰ جي موڪلن جو اعلان

عيد الاضحي جون موڪلون 26، 27 ۽ 28 مئي تائين ٿينديون

اسلام آباد (بيورو) وفاقي حڪومت عيد الاضحيٰ جي موڪلن جو اعلان ڪري ڇڏيو جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي ڪابينا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ٺٽي جي ڳوٺ علي محمد جهونگائي ۾ انڊس ريسورس سينٽر جي آواز دو پروجيڪٽ پاران موسمياتي عمل تي لوڪ ڪچهري منعقد

ڳوٺاڻن پاران سُگهڙ ڪچهري، قدرتي آفتن، موسمياتي عمل ۽ ٽوٽڪن سان لوڪ ڪچهري کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

ڳوٺاڻن پاران مولود پڻ پيش ڪيا ويا. آواز دو پروجيڪٽ جي پروجيڪٽ آفيسر آيل ڳوٺاڻن ۽ مهمانن کي آجياڻو

پاڻ سيني کي گڏجي فطرت جي حُسناڪي کي بچائڻ لاءِ فطرت جي حُسن جي حفاظت ڪرڻي آهي ۽ هڪ ماحول ۽ موسمياتي دوست سماج اڏڻو آهي

ٺٽو(رپورٽر) ٺٽي جي ڳوٺ علي محمد جهونگائي ۾ انڊس ريسورس سينٽر جي آواز دو پروجيڪٽ پاران موسمياتي عمل تي لوڪ ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ آس پاس جي ڳوٺاڻن سميت قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد اياز علي شاه شيرازي، اڳوڻي ايم پي اي سيد امتياز شاه شيرازي، سافڪو جي ڊسٽرڪٽ مئني/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

پي ٽي آءِ باني جو وڪيل سلمان صفدر به اک جي بيماري ۾ ورتل

سلمان صفدر ٻاهرين ملڪ اک جي چڪاس لاءِ اپيلن جي فوري پيروي کان لاچاري ظاهر ڪري ڇڏي

سلمان اڪرم راجا عمران خان جي سزا معطلي جي درخواستن جي ٻڌڻ کان انڪار جي خلاف اپيل لاءِ مهلت جي درخواست ڪئي

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ باني جو وڪيل بيريسٽر سلمان صفدر به اک جي بيماري ۾ ورتل آهي سلمان صفدر ٻاهرين ملڪ اک جي چڪا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ڪراچي ۾ هلال احمر جي زمين تي 40 سالن کان قبضو ڇڏايو ويو

چيئرمين ريحان هاشمي جي اڻٿڪ ڪوشش جي نتيجي ۾ اسپتال لاءِ رکيل قيمتي زمين کي مافيا کان ڇڏايو ويو

اورنگي ٽائون 5 نمبر تي اسپتال جي زمين تي قبضو ڪري 100 کان وڌيڪ دڪان ٺهرايا هئا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽائون ۾ حلال احمر جي زمين تي گذريل 40 سالن کان غير قانوني قبضو ڇڏايو ويو آهي حلال احمر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڪراچي ۾ هلال احمر جي زمين تي 40 سالن کان قبضو ڇڏايو ويو

ريحان هاشمي جي اڻٿڪ ڪوشش جي نتيجي ۾ اسپتال لاءِ رکيل قيمتي زمين کي مافيا کان ڇڏايو ويو

اورنگي ٽائون 5 نمبر تي اسپتال جي زمين تي قبضو ڪري 100 کان وڌيڪ دڪان ٺهرايا هئا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽائون ۾ حلال احمر جي زمين تي گذريل 40 سالن کان غير قانوني قبضو ڇڏايو ويو آهي حلال احمر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ڪراچي ، پوليس ڪسٽڊي ۾ مبينه تشدد ۾ پيرسن شهري فوت

فوتي محمد تنوير جي پٽ ايس ايڇ او چوڌري نواز تي پنهنجي والد تي تشدد جو الزام

سندس والد کي پهريان ٿاڻي تي منتقل ڪيو ويو ۽ پوءِ اتي تشدد ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سائيٽ سپر هاءِ وي ٿاڻي جي پوليس ڪسٽڊي ۾ مبينه تشدد جي نتيجي ۾ هڪ پيرسن شهري فوت ٿي ويو آهي وارثن پوليس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

جبري شادي ، زبردستي طلاق ۽ پسند جي شادي تي سزا جرم هوندو سنڌ اسيمبلي ۾ بل پيش

سنڌ اسيمبلي ۾ چاٽايل بل پيش ڪيو ويو

نجب مرزا سنڌ پروهيبيشن آف ان لا فل جرگاز بل 2026 جمع ڪرائي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سنڌ اسيمبلي ۾ غير قانوني جرڳن ۽ متوازي انصاف جي خلاف بل پيش ڪيو ويو آهي خبر موجب سنڌ اسيمبلي ۾ چا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اجلاس جي صدارت ڪندي

خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري قومي اسيمبلي ۾ چيني وفد سان ملڻ لاءِ مهمانن واري گيلري پهتي

اسلام آباد (بيورو) خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري قومي اسيمبلي ۾ چيني وفد سان ملڻ لاءِ مهمانن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

پاڪ چين سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جي 75هين سالگرهه جي موقعي تي چين جو وفد اسلام آباد پهچي ويو

اسلام آباد (بيورو) پاڪ چين سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جي 75هين سالگرهه جي موقعي تي يادگاري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

وزيراعظم سان مينيجنگ ڊائريڪٽر بيت المال ڪيپٽن رٽائر شاهين بٽ جي ملاقات

جنهن ۾ ايم ڊي بيت المال وزيراعظم کي اداري جي ڪارڪردگي تي جائزو پيش ڪيو

مستحق ۽ نادار ماڻهن کي بروقت سهولتون ڏيڻ حڪومت جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي : وزيراعظم

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

هلندڙ سال اسمگلنگ ۾ 80 سيڪڙو گهٽتائي ٿي : طلال چوڌري

سامونڊي رستن کان غير قانوني چرپر روڪڻ ۾ پاڪستان ڪوسٽ گارڊ جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي

طلال چوڌري پاڪستان ڪوسٽ گارڊ رڪروٽس جي پاسنگ آئوٽ پريڊ جي تقريب ۾ شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) گهرو مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو آهي ته هلندڙ سال اسمگلنگ ۾ 80 سيڪڙو گهٽتائي ٿي منشيات کي ٻنجو ڏيڻ ۽ سامون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

وفاقي وزير قيصر احمد شيخ سان پاڪستان-چين بزنس فورم جي صدر ۽ چيني سيڙپڪارن جي اعليٰ سطحي وفد جي ملاقات

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير ۽ سيڙپڪاري بورڊ جي چيئرمين قيصر احمد شيخ سان پاڪستا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ناصر شاهه پاران شاهراهه ڀٽو جو دورو، تعميراتي ڪم جو جائزو

هلندڙ تعميراتي ڪم، انٽرچينجز، ٽول پلازا، لينڊ اسڪيپنگ ۽ ٻين سهولتن جو جائزو ورتو

لاڳاپيل اختيارين منصوبي جي مڪمل ٿيڻ، ٽريفڪ جي وهڪري، حفاظتي قدمن ۽ افتتاحي انتظامن بابت بريفنگ ڏني

ڪراچي(رپورٽر) صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه شاهراهه ڀٽو جو دورو ڪندي

ڪراچي پوليس ۾ وڏي انتظامي ڪارروائي ، 11 ايس ايڇ اوز کي ڊي نوٽيفائي ڪيو ويو، نوٽيفڪيشن جاري

سائيٽ اي ، گارڊن گلشن معمار ۽ گڏاپ ٿاڻي جا آفيسر عهدن تان هٽائڻ وارن ۾ شامل آهن

ڪراچي رينج ۾ انڪوائرين کي منهن ڏيندڙ پوليس آفيسرن جي خلاف ڪارروائي ڪئي وئي

هي ڪارروائي آزاد خان جي حڪمن تحت ڪئي وئي لاڳاپيل آفيسرن جي خلاف جاچ جاري رهندي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس جي 11 ايس ايڇ اوز کي ڊي نوٽيفائي ڪيو ويو . سائيٽ اي ، گارڊن گلشن معمار ۽ گڏاپ ٿاڻي جا آفيسر عهدن تان هٽائڻ وارن ۾ شامل آهن خبر موجب ڪراچي رينج ۾ انڪوائرين کي منهن ڏيندڙ پولي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

عدالت برسات جي دوران نالي ۾ ڪرڻ سبب شهري جي فوتگي جو ذميوار اورنگي ٽائون انتظاميه کي قرار

سينئر سول جج جي عدالت ۾ برسات جي دوران اورنگي نالي ۾ ڪري شهري جي فوتگي جي ڪيس جي ٻڌڻي

جتي عدالت فيصلو ٻڌائيندي حادثي جو ذميوار ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن اورنگي کي قرار

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن اورنگي ٽائون مقتول جي گهر ڀاتين کي ڏيڍ ڪروڙ روپيه ادا ڪري

ڪراچي (رپورٽر) عدالت برسات جي دوران نالي ۾ ڪرڻ سبب شهري جي فوتگي جو ذميوار اورنگي ٽائون انتظاميه کي قرار ڏيندي متاثر گهر ڀاتين کي ڏيڍ ڪروڙ روپيه ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو سينئر سول جج جي عدالت ۾ برسات جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

اسان حاجي خير محمد بروهي، وڏيرو الهبخش عرف بابو بروهي ۽ ٻين جا شڪر گذار آهيون جن هيڏي ساري محبت ڏني : رياض شاهه شيرازي

عوامي ميلا وٺن اهو ثبوت آهن ته عوام ساڻن حد کان وڌيڪ محبت ڪري ٿي ۽ هو به انهن سان اوتري مي محبت ڪن ٿا

ٺٽي جي اڳوڻي ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاهه شيرازي، صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي ۽ ٻيا بروهي هائوس تي پهتا

بروهي برادري جي معززين پاران سندس ماڻائتو استقبال ڪري سندن ڏنل محبتن، پنهنجائپ ۽ عزت ڀرين لمحن کي يادگار بڻائي محبت ڀري ملاقات سندن دلين ڪٽي ورتيون آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي جي اڳوڻي ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاهه شيرازي، صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي، سيد تنوير حيدر شاهه شيرازي، سيد زوار شاهه شيرازي، سيد غلام عباس شاهه شيرازي، سيد مڪي شاهه شيراز/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي پريس ڪلب ۾ ڪتاب "ليل و نهار" جي مهورتي تقريب

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پريس ڪلب ۾ ڪتاب "ليل و نهار" جي مهورتي تقريب منعقد ٿ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ملڪ ۾ تيل ۽ گئس جي پيداوار ۾ هفتيوار بنيادن تي لاٿ رڪارڊ

اسلام اباد (بيورو) ملڪ ۾ تيل ۽ گئس جي پيداوار ۾ هفتيوار بنيادن تي لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. پي پي آءِ ايس ۽ انڊسٽري جي انگن اکرن موجب، 18 مئي تي ختم ٿيندا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

عدالت برسات جي دوران نالي ۾ ڪرڻ سبب شهري جي فوتگي جو ذميوار اورنگي ٽائون انتظاميه کي قرار ڏيندي متاثر گهر ڀاتين کي ڏيڍ ڪروڙ روپيه ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) عدالت برسات جي دوران نالي ۾ ڪرڻ سبب شهري جي فوتگي جو ذميوار ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

موجوده حڪمران عوام کي سون جي کاڻ سمجهي مسلسل نپوڙي رهيا آهن: سردار عبدالرحيم

پنهنجي عياشين ۽ شاهه خرچين جو سمورو بار غريب عوام تي وجهي رهيا آهن

وچولو طبقو وڌيڪ معاشي استحصال جو شڪار ٿيندو، جنهن جا نتيجا حڪمرانن لاءِ به سٺا نه هوندا

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم پروٽيڪٽڊ بجلي صارفين لاءِ سبس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر جي سرڪاري رهائشگاهه ۾ ڳجهي نجي ڪمپني جو انڪشاف

سينٽر جي اسٽاف ڪالوني ۾ موجود سرڪاري رهائشگاهه، جيڪا ڪمپيوٽر آپريٽر ۽ اسٽينوگرافر عثمان گجر جي نالي تي الاٽ ٿيل آهي

مذڪوره نجي ادارو عثمان گجر جي ڀاءُ نعمان گجر جي نگراني هيٺ هلائي پيو وڃي

جيڪو اسپتال ۾ طبي اوزارن جي مرمت ۽ سار سنڀال واري شعبي سان لاڳاپيل ٻڌايو وڃي ٿو

ڪراچي (رپورٽر)جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ۾ هڪ ملازم کي الاٽ ڪيل سرڪاري رهائشگاهه مان مبينا طور هڪ ڳجهو نجي ادارو هلائڻ جو انڪشاف سامهون آيو آهي ذريعن موجب جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

خميس 21 مئي 2026 ع بمطابق 04 ذوالحج 1447ھ

عالمي عدالت جي فيصلي تي عمل جو سوال

تازو عالمي ٽياڪڙي عدالت جيڪا هيگ ۾ قائم مستقل ٽياڪڙي اداري جي نگراني هيٺ ڪم ڪري رهي آهي، پنهنجو اهم فيصلو جاري ڪندي واضح ڪيو آهي ته طاس معاهدي تحت قائم ٽياڪڙي عمل قانوني طور جائز آهي ۽ ڀارت ان عمل کي هڪطرفي طور رد نٿو ڪري سگهي هن فيصلي کي پاڪستان لاءِ سفارتي، قانوني ۽ اخلاقي سطح تي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو پيو وڃي، چاڪاڻ ته ان سان عالمي سطح تي پاڪستان جو موقف مضبوط ٿيو آهي ته پاڻيءَ بابت مسئلا صرف طاقت يا دٻاءَ سان نه، پر عالمي قانون ۽ معاهدن جي روشني ۾ حل ٿيڻ گهرجن هن فيصلي جي وڏي اهميت ان ڪري به آهي جو ڀارت گذريل ڪجهه عرصي کان اهو مؤقف اختيار ڪندو رهيو آهي ته هو ٽياڪڙي واري عمل کي تسليم نٿو ڪري ۽ معاملو غيرجانبدار ماهر تائين محدود هجڻ گهرجي پر عدالت پنهنجي فيصلي ۾ واضح ڪيو آهي ته پاڪستان پاران اٿاريل اعتراضن جي نوعيت اهڙي آهي، جيڪا ٽياڪڙي عدالت جي دائري اختيار ۾ اچي ٿي ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته عالمي قانوني ادارن پاڪستان جي موقف کي وزن ڏنو آهي ۽ ڀارت جي هڪطرفي تشريح کي قبول نه ڪيو آهي

پاڪستان لاءِ هن فيصلي جو پهريون وڏو فائدو اهو آهي ته ان سان طاس معاهدي جي قانوني حيثيت وڌيڪ مضبوط ٿي آهي ڀارت جي اندر ڪجهه شدت پسند حلقا وقت بوقت اهو مطالبو ڪندا رهيا آهن ته پاڪستان سان طاس معاهدو ختم ڪيو وڃي يا پاڻيءَ کي سياسي دٻاءَ طور استعمال ڪيو وڃي خاص طور تي 2016 ع کانپوءِ ڀارتي قيادت پاران خون ۽ پاڻي گڏ نٿا وهي سگهن جهڙا بيان ڏنا ويا، جن سان خطي ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي هئي پر عالمي عدالت جو تازو فيصلو ان ڳالهه جو اشارو آهي ته ڪو به ملڪ عالمي معاهدي کي پنهنجي مرضيءَ سان معطل يا نظرانداز نٿو ڪري سگهي ٻيو وڏو فائدو اهو ٿيو آهي ته پاڪستان کي عالمي سطح تي اخلاقي برتري حاصل ٿي آهي پاڪستان مسلسل اهو چوندو رهيو آهي ته پاڻي انساني بقا جو مسئلو آهي ۽ ان تي سياست نه ٿيڻ گهرجي هاڻي جڏهن عالمي ٽياڪڙي فورم پاڪستان جي اعتراضن کي ٻڌڻ جوڳو تسليم ڪيو آهي ته ان سان دنيا ۾ اهو تاثر مضبوط ٿيو آهي ته پاڪستان قانوني ۽ سفارتي ذريعن سان مسئلا حل ڪرڻ چاهي ٿو جڏهن ته ڀارت ڪيترن معاملن ۾ هڪطرفي رويو اختيار ڪري رهيو آهي

پر سوال اهو آهي ته ڇا ڀارت واقعي هن عدالتي فيصلي تي پابند رهندو؟ اهو سوال تمام اهم آهي، چاڪاڻ ته بين الاقوامي قانون جي دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا مثال موجود آهن، جتي طاقتور ملڪ عدالتن يا عالمي ادارن جي فيصلن کي مڪمل طور قبول نه ڪندا آهن ڀارت به هن فيصلي ڪانپوءِ فوري طور پنهنجي پراڻي موقف کي ورجايو آهي ته هو ٽياڪڙي عدالت جي اختيار کي تسليم نٿو ڪري اهو رويو ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته نئين دهلي شايد عملي طور تي هن عمل ۾ مڪمل تعاون نه ڪري تنهن باوجود، ڀارت لاءِ مڪمل طور تي عدالتي فيصلي کي نظرانداز ڪرڻ آسان به ناهي ان جا ڪيترائي سبب آهن پهريون ته ڀارت پاڻ کي عالمي سطح تي هڪ ذميوار جمهوري ۽ قانون جي پاسداري ڪندڙ ملڪ طور پيش ڪندو آهي جيڪڏهن هو عالمي ٽياڪڙي عمل کي ڪليل نموني رد ڪري ٿو ته ان سان سندس عالمي ساک متاثر ٿي سگهي ٿي خاص طور تي اهڙي وقت ۾، جڏهن ڀارت عالمي معيشت، واپار ۽ سفارتڪاري ۾ وڏو ڪردار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، تڏهن عالمي معاهدن جي ڀڃڪڙي سندس لاءِ سفارتي نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي

ٻيو ته طاس معاهدو رڳو پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ وارو معاملو ناهي، پر ان ۾ عالمي بئنڪ به ضامن طور شامل آهي جيڪڏهن ڀارت عالمي قانوني عمل کي مڪمل طور رد ڪري ٿو ته ان سان عالمي ادارن جي ساک جو سوال پڻ پيدا ٿيندو ان ڪري عالمي برادري به چاهيندي ته معاملو قانوني طريقي سان اڳتي وڌي ٽيون اهم پاسو اهو آهي ته پاڻيءَ جا تڪرار مستقبل ۾ دنيا جي وڏن مسئلن مان هڪ بڻجڻ وارا آهن ڏکڻ ايشيا جهڙي آباديءَ سان ڀرپور خطي ۾ پاڻيءَ بابت ڪنهن به قسم جي ڇڪتاڻ جا خطرناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا ان ڪري عالمي قوتون به اهو نٿيون چاهين ته پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ پاڻيءَ وارو معاملو ڪنهن وڏي تڪرار ۾ تبديل ٿئي

پاڪستان کي هن موقعي تي صرف جشن ملهائڻ بدران ڊگهي مدي واري حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي سفارتي سطح تي پاڪستان کي عالمي فورمن تي پنهنجو موقف وڌيڪ مضبوط نموني پيش ڪرڻ گهرجي قانوني سطح تي بهترين ماهرن جي مدد سان هر مرحلي تي مضبوط تياري ڪرڻ ضروري آهي ان سان گڏ پاڪستان کي پنهنجي اندروني پاڻي پاليسي تي به ڌيان ڏيڻو پوندو افسوس جو ملڪ اندر پاڻيءَ جي ذخيرن، ڊيمز، ڪئنالن جي سارسنڀال ۽ جديد آبپاشي نظام بابت اڃا تائين سنجيده ڪم گهٽ ٿيو آهي جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي پاڻيءَ جو صحيح انتظام نٿو ڪري ته رڳو عالمي عدالتن جا فيصلا ڪافي ثابت نه ٿيندا

ايران جنگ ۽ پيٽرو ڊالر تي ان جا اثر

ايوب ملڪ

ماهر هاڻي ان ڳالهه تي ڪافي حد تائين متفق آهن ته صدر ٽرمپ ايران تي حملي کان اڳ نه ڪنهن حڪمت عملي کي پرکيو ۽ نه ئي ايران جي تاريخ مان ڪو فائدو حاصل ڪيو. جيتوڻيڪ تاريخ شاهد آهي ته جن به سلطنتن ايران تي حملو ڪيو، اهي سڀ جون سڀ ختم ٿي ويون پر ايران اڄ به قائم آهي.

330 قبل از مسيح ۾ سڪندراعظم فارس (موجوده ايران) تائين سوڀون حاصل ڪيون پر هو صرف 32 سالن جي عمر ۾ مري ويو ۽ سندس سلطنت هڪ نسل تائين به قائم رهي نه سگهي. صدر ٽرمپ به ان ئي ڏڳ تي هلي رهيو آهي. جنهن ڪري ايران شديد حملن جي باوجود وچ اوڀر ۾ هڪ مضبوط طاقت بڻجي اڀري رهيو آهي. ايران اهڙي طاقت بڻجڻ لاءِ ڪنهن جنگ جي شروعات ناهي ڪئي، بلڪه خود صدر ٽرمپ ايران تي اها جنگ مڙهي آهي.

ياد رهي ته سترجي ڏهاڪي ۽ خاص طور تي ويٽنام جنگ ڪانپوءِ آمريڪا جڏهن قرضن ۾ ٻڏي ويو ته هن گولڊ اسٽينڊرڊ (سون جو معيار) ختم ڪري ڇڏيو. سعودي عرب سان معاهدو ڪري تيل جي قيمت ڊالرن ۾ مقرر ڪرائي ۽ ان جي بدلي ۾ سعودي عرب کي فوجي تحفظ ۽ هٿيار فراهم ڪيا. اهو هڪ اهڙو ماڊل هو جنهن کي بعد ۾ سمورن خليجي ملڪن به اپنائي ورتو. ائين 1974 ع کان 2024 ع تائين ڊالرن ۾ وڪامڻ لڳو. ان سڄي دنيا ۾ 800 فوجي اڏا جوڙيا جنهن سان آمريڪي عالمي غلبي کي وڌيڪ طاقت ملي. اهو سڀ ڪجهه پيٽرو ڊالرجي طفيل ئي ممڪن ٿيو. چاڪاڻ ته هاڻي آمريڪا ڊالرچاپي پنهنجا خرچ پورا ڪري وٺندو آهي. پر 2026 ع ۾ عالمي پرڏيهي متاستا جي ذخيرن ۾ ڊالر جو حصو 57 سيڪڙو رهجي ويو آهي. جيڪو گذريل پنجاهه سالن جي گهٽ ۾ گهٽ سطح آهي. ان سان گڏوگڏ هن جنگ ڪانپوءِ تهران پاران هرمز جي پاڻياري (آبنائي هرمز) کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ ٻين ڪرنسين ۾ ٽرانزٽ مقرر ڪرڻ سان آمريڪا جي عالمي مالي نظام لاءِ نوان خطرا پيدا ٿي ويا آهن. جنهن پيٽرو ڊالرجي بنيادي ٿنڀن يعني ڊالر ۾ تيل جي واپار ۽ نارجي ملڪن سان آمريڪا جي دفاعي لاڳاپن کي هڪ ئي وقت دٻاءُ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. جنهن سان خليجي ملڪن جو آمريڪا تي اعتماد گهٽجي رهيو آهي.

سعودي عرب به ويزن 2030 تحت دفاعي پيداوار کي مقامي طور تي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته جيئن آمريڪا تي گهٽ ۾ گهٽ ڀاڙڻو پوي. ان سان گڏوگڏ ايم برڄ (MBRIDGE) پراجيڪٽ ۽ چين سان ڪرنسي سوائپ جي قدمن ذريعي مالي نظام کي متنوع (مختلف) بڻائي رهيو آهي. جنهن سان ڊالر ۽ سوئفٽ (SWIFT) جي نظام کي باءِ پاس ڪري سگهجي ٿو. روس ۽ ايران جهڙا عالمي پابنديون جو شڪار ملڪ، جيڪي عالمي تيل جا 14 سيڪڙو ذخيرا رکن ٿا. اهي اڳي ئي ڊالرتان هٽي يوان، روبل ۽ ٻين ڪرنسين ۾ واپار ڪري رهيا آهن. اهي سڀ ساختي تبديليون، هن جنگ کان اڳ ئي پيٽرو ڊالرجي نظام جي بنيادن کي ڪمزور ڪري رهيون هيون ۽ هن جنگ انهن لاڙن کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو آهي.

سوني تي سهاڳو اهو ٿيو جو پهرين مئي 2026 ع کان گڏيل عرب امارات (UAE) اوپيڪ (OPEC) کان علحدگي اختيار ڪري ورتي آهي. جنهن آمريڪي ڊالر کي دنيا جي سڀ کان طاقتور ڪرنسي بڻايو هو. گڏيل عرب امارات هن نظام جي 65 سالن جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏو انحراف (انڪار) ڪيو آهي. چاڪاڻ ته اهو اوپيڪ جو ٽيون سڀ کان وڏو تيل پيدا ڪندڙ ملڪ آهي. هن نظام هيل تائين پنهنجي اتحاد ذريعي عالمي نظام ۾ تيل جي بدلي ڊالرجي بالادستي کي قائم رکيو پئي آيو آهي. جيتوڻيڪ گڏيل عرب امارات اڃا تائين ڊالر کي ناهي ڇڏيو. پر اوپيڪ کان ڌار ٿي هن تيل کي ڊالر کان ڌار ڪرڻ جو اختيار پاڻ وٽ محفوظ ڪري ورتو آهي.

جيڪو صدر ٽرمپ جي مٿي تي هڪ منڊلائيندڙ خطرو بڻجي ويو آهي. انهيءَ ڪري تازوئي آمريڪا گڏيل عرب امارات کي هنگامي ڊالر سوائپ ڏنو آهي.

جيتوڻيڪ امارات وٽ 2 ٽريلين ڊالرن کان وڌيڪ جا آمريڪي اثاثا موجود آهن. پر جيئن ئي آبنائي هرمز کلندي ۽ امارات 2027 ع تائين پنج ملين بيرل تيل روزاني ڪڍڻ جي قابل ٿي ويندو، ته نه صرف تيل جون قيمتون ڪرنديون پر اوپيڪ به مارڪيٽ کي ڪنٽرول ڪرڻ جي صلاحيتن کان محروم ٿي سگهي ٿو. جنهن ڪانپوءِ امارات پنهنجو تيل يوان، ريئي، درهم يا ڪريپٽو ۾ وڪڻي سگهي ٿو. بيڪر انسٽيٽيوٽ جي مطابق، اهڙي طرح امارات سالياني پنجاهه ارب ڊالرن کان وڌيڪ ڪمائي سگهي ٿو. ائين جيڪڏهن اها رقم ڊالر جي نظام کان ٻاهر هلي وئي ته اها آمريڪا جي عالمي غلبي واري پاليسين تي وڏو ڌڪ هڻي سگهي ٿي. ياد رهي ته 1973 ع ۾ اوپيڪ تيل کي هٿيار طور استعمال ڪري پوري عالمي معيشت کي لوڏي ڇڏيو هو ۽ هاڻي پنجاهه سالن ڪانپوءِ هڪ نئون هٿيار استعمال ٿيڻ وڃي رهيو آهي. جنهن جو نشانو اهو مالي نظام بڻجي سگهي ٿو جنهن 1974 ع کان آمريڪا جي عالمي برتري کي ممڪن بڻايو آهي.

مبصرن جو خيال آهي ته ان جنگ جي نتيجي ۾ آمريڪا جو عالمي غلبو ته ڪمزور ٿي سگهي ٿو پر آمريڪي سلطنت جو خاتمو ايترو سولو ناهي. چاڪاڻ ته اڄ آمريڪا تيل پيدا ڪندڙ سڀ کان وڏو ملڪ آهي ۽ جيڪڏهن هن وينزويلا جي تيل کي به پنهنجي ڪنٽرول ۾ برقرار رکيو ته هو اڪيلو عالمي سپلائي تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو. جنهن سان تيل جو وڏو واپار ڊالر ۾ ئي ٿيندو رهندو. هارورڊ يونيورسٽي جي هڪ پروفيسر لکيو آهي ته آمريڪي صدرن جي پاليسين سان آمريڪي معيشت تي وڌيڪ اثر نٿو پوي. چاڪاڻ ته آمريڪي معيشت جو تقريبن 90 سيڪڙو حصو سڌي واپار تي ٻڌل آهي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته آمريڪا کي جنگين ۽ ٽيرف (محصولن) سان ڪمزور نٿو ڪري سگهجي. بلڪه پيٽرو ڊالر تي ڪاري ضرب لڳائڻ سان ئي آمريڪا جو اهو عالمي غلبو زوال پذير ٿي سگهي ٿو. دنيا جو تيزيءَ سان قابلِ تجديد توانائي جي ذريعن ڏانهن وڌڻ سان فوسل فيولز (تيل ۽ گئس) تي ڀاڙڻ گهٽ ٿيندو ۽ ائين تئين دنيا جي ملڪن کي وڏي پيماني تي ڊالر ذخيرو ڪرڻ جي ضرورت به گهٽ کان گهٽ ٿيندي ويندي.

ڪراچي جي قديم ڳوٺن تي ڪاهون بند ٿيڻ گهرجن

سامي ميمڻ

ڪراچي ڀهراڙين، قديمي ڳوٺن ۽ مقامي آبادين تي انتظاميا، روينيو عملدارن، بلڊرن، قبضاگيرن ۽ بااثر ڌرين جون ڪاهون ڪا نئين ڳالهه ناهن هي سلسلو ڏهاڪن کان جاري آهي، جنهن ۾ ڪڏهن ڪي ڊي اي، ڪڏهن ڪي ايم سي، ڪڏهن ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي، ته ڪڏهن روينيو ۽ پوليس انتظاميا مختلف بهانن سان سنڌ جي اصل وارثن کي سندن اباڻن ڳوٺن مان بي دخل ڪرڻ جون ڪوششون ڪندي رهي آهي تاريخ شاهد آهي ته ڪراچي جي قديمي سنڌي وسندين کي شهر جي ترقيءَ جي نالي تي هميشه نشانو بڻايو ويو، جڏهن ته وڏن بلڊرن، هائوسنگ اسڪيم مافيا ۽ زمينن تي قبضو ڪندڙ ٽولن کي مڪمل سرڪاري سرپرستي حاصل رهي آهي هڪ وقت هو جڏهن ڪي ڊي اي ۽ ڪي ايم سي جي جڙتو نقشن ۾ سنڌي ڳوٺن جو وجود ئي تسليم نه ڪيو ويندو هو صدين پراڻين آبادين کي "غيرقانوني" قرار ڏئي، انهن کي ڊاهڻ ۽ اتان ماڻهن کي لڏائڻ جا منصوبا تيار ڪيا ويندا هئا ڪيترائي اهڙا ڏينهن گذريا جڏهن ملير، گڏاپ، بن قاسم، شاهه لطيف، ابراهيم حيدري، رزاق آباد ۽ ديهه ڪونڪر سميت مختلف علائقن ۾ ڳوٺن تي چڙهايون ڪيون ويون، عورتن ۽ ٻارن کي هراسان ڪيو ويو ۽ ماڻهن جي زمينن تي زبردستي قبضن جون ڪوششون ڪيون ويون وقت بدلجڻ سان ادارن جا نالا ضرور بدليا، پر سنڌي ڳوٺن خلاف پاليسيون نه بدليون اڳ ۾ جيڪي ڪم ڪي ڊي اي ۽ ڪي ايم سي ڪندي هئي، اڄ اهي ساڳيا ڪم روينيو عملدار، مقامي بااثر، بلڊر مافيا ۽ قبضاگير ڪري رهيا آهن فرق صرف ايترو آهي ته هاڻي انهن وٽ جديد طريقا، جعلي رڪارڊ، هٿ ٺوڪيا ڪاغذ، پوليس جي نفري ۽ ڳري مشينري موجود آهي، جنهن جي زور تي سنڌي آبادين کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن تازو ملير جي علائقي رزاق آباد لڳ ڏٺي پرتو موسيٰ جوکيو ڳوٺ پرسان مهاڳي جي چار ايڪڙ زمين تي اوچتو روينيو ۽ پوليس عملدارن پاران چڙهائي ڪئي وئي اها زمين، جنهن تي جوکيا برادري جا سنڌي ماڻهو سالن کان آباد آهن، اوچتو سرڪاري قرار ڏئي اتان ماڻهن کي بي دخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ مختيارڪار جي اڳواڻي ۾ پوليس ۽ ڳري مشينري ساڻ ڪري ڳوٺ تي ڪاهه ڪئي وئي، جنهن بعد ڳوٺاڻا پنهنجي گهرن مان نڪري آيا ۽ سخت مزاحمت ڪئي

ڳوٺاڻن جي مزاحمت سبب صورتحال انتهائي ڇڪتاڻ واري بڻجي وئي عورتون، ٻار، نوجوان ۽ بزرگ پنهنجي گهرن ۽ زمينن جي بچاءَ لاءِ روڊن تي نڪري آيا آس پاس جي ڳوٺن خدا بخش نوهاڙي، علي محمد لاشاري، پير سرهندي، جام ڪندو، رزاق آباد ۽ ٻين علائقن مان به هزارين ماڻهو گڏ ٿي احتجاجي ڌرڻو هنيو ماڻهن جو چوڻ هو ته اهي صدين کان هن علائقي ۾ آباد آهن ۽ سندن زمينن تي زبردستي قبضا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ڳوٺاڻن جي سخت مزاحمت بعد سرڪاري عملو واپس وڃڻ تي مجبور ٿي ويو، جڏهن ته بعد ۾ 30 کان وڌيڪ ڳوٺاڻن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا، جيڪي مقامي ماڻهن موجب سراسر ظلم، انتقامي ڪارروائي ۽ خوف پيدا ڪرڻ جي ڪوشش آهي

علائقي جي سماجي اڳواڻ سيد خدا ڏنو شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته موسيٰ ڳوٺ لڳ ڀڳ 94 ايڪڙن تي ٻڌل هڪ قديمي ڳوٺ آهي، جنهن جا رڪارڊ پراڻين ٽوپوگرافي نقشن ۽ سروي ۾ موجود آهن هن چيو ته روينيو عملدارن کي ڳوٺن خلاف ڪارروائين بدران اصل زمينن جي رڪارڊ کي ڏسڻ گهرجي سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن سنڌي ڳوٺن کي ڊاهڻ جون ڪوششون جاري رهيون ته ان جا نتيجا انتهائي خطرناڪ نڪري سگهن ٿا

اصل سوال اهو آهي ته ڇا پاڪستان جو آئين ڪنهن به شهري کي بنا قانوني ڪارروائي ۽ مناسب متبادل جي سندس گهر مان بي دخل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو؟ پاڪستان جي آئين جو آرٽيڪل 23 هر شهري کي ملڪيت رکڻ جو حق ڏئي ٿو، جڏهن ته آرٽيڪل 24 تحت ڪنهن به شخص کي سندس ملڪيت کان قانوني جواز ۽ معاوضي کانسواءِ محروم نٿو ڪري سگهجي ساڳي ريت آرٽيڪل 9 زندگي ۽ آزاديءَ جي تحفظ جي ضمانت ڏئي ٿو، جنهن ۾ باعزت رهائش به شامل آهي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان به مختلف فيصلن ۾ واضح ڪري چڪي آهي ته قديمي آبادين کي بنا متبادل رهائش ۽ بنا قانوني طريقيڪار جي ڊاهڻ انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي عدالتن اهو پڻ چيو آهي ته رياست جو ڪم ماڻهن کي بي گهر ڪرڻ نه، پر کين تحفظ فراهم ڪرڻ آهي بين الاقوامي قانون به ان حوالي سان تمام واضح آهي گڏيل قومن جي انساني حقن واري عالمي پڌرنامي جي آرٽيڪل 17 تحت هر انسان کي ملڪيت رکڻ جو حق حاصل آهي، جڏهن ته آرٽيڪل 25 مطابق هر فرد کي مناسب رهائش جو حق حاصل آهي گڏيل قومن جي اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي حقن بابت عالمي معاهدي جي آرٽيڪل 11 ۾ به رهائش کي بنيادي انساني حق قرار ڏنو ويو آهي

اقوام متحده جي رهنما اصول مطابق ڪنهن به آبادي کي زبردستي خالي ڪرائڻ کان اڳ حڪومت تي لازم آهي ته متاثر ماڻهن سان مشاورت ڪئي وڃي، قانوني نوٽيس ڏنو وڃي، متبادل رهائش فراهم ڪئي وڃي، عورتن، ٻارن ۽ بزرگن جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي، ۽ طاقت جو استعمال آخري حد تائين محدود رکيو وڃي پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ڪراچي جي سنڌي ڳوٺن سان اهڙو ڪو به قانوني يا انساني رويو اختيار نٿو ڪيو وڃي هتي طاقت، اثر رسوخ ۽ سرڪاري اختيارن جي بنياد تي صدين پراڻين آبادين کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن

ملير، جيڪو تاريخي طور سنڌي ماڻهن جي سڃاڻپ رهيو آهي، اڄ زمينن جي ڪاروبار ڪندڙن لاءِ سون جي کاڻ بڻجي ويو آهي بحريا ٽائون، موٽر وي، هائوسنگ اسڪيمون، صنعتي زون، ڪمرشل پروجيڪٽ ۽ نيون رهائشي سوسائٽيون ناهڻ جي نالي تي مقامي ماڻهن کي بي دخل ڪيو پيو وڃي اصل وارثن کي "قبضاگير" قرار ڏئي، سندن زمينن جا جعلي رڪارڊ ناهيا وڃن ٿا، جڏهن ته اربين روپين جي زمينن تي طاقتور ڌرين قبضا ڪري ويهن ٿيون ڏٺي پرتو موسيٰ جوکيو ڳوٺ وارو واقعو رڳو هڪ ڳوٺ جو مسئلو ناهي، پر اها سڄي سنڌي سماج لاءِ هڪ سنگين وارننگ آهي جيڪڏهن اڄ به سنڌي وسنديون پنهنجي زمين، سڃاڻپ ۽ حقن جي تحفظ لاءِ گڏ نه ٿيون ته مستقبل ۾ ڪراچي مان سنڌين جي وجود کي مڪمل ختم ڪرڻ جون ڪوششون وڌيڪ تيز ٿي سگهن ٿيون

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ حڪومت قديمي ڳوٺن جو مڪمل سروي ڪرائي، سنڌي ڳوٺن کي قانوني تحفظ ڏئي، روينيو رڪارڊ شفاف بڻايو وڃي، جعلي الاٽمينٽن ۽ قبضا مافيا خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، ۽ مقامي ماڻهن کي سندن اباڻن حقن کان محروم ڪرڻ بند ڪيو وڃي سنڌي ڳوٺ صرف زمين جا ٽڪرا ناهن، پر اهي سنڌ جي تاريخ، ثقافت، تهذيب ۽ سڃاڻپ جا امين آهن انهن کي ڊاهڻ رڳو گهر ڊاهڻ ناهي، پر هڪ مڪمل تاريخ، تهذيب ۽ قوم جي وجود تي حملو آهي

بقايا *** 01

سيد امين الحق ۽ جاويد حنيف شامل هئا. ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءُالله پڻ موجود هئا. ملاقات ۾ وفد وزيراعظم کي ايندڙ وفاقي بجيٽ جي حوالي سان ايم ڪيوايم پاران تجويزون پيش ڪيون. ملاقات ۾ وفاقي حڪومت تحت سنڌ ۽ ڪراچي ۾ عوامي ڀلائي جي منصوبن جي حوالي سان پڻ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي. وزيراعظم چيو ته ايم ڪيو ايم وفاقي حڪومت جي اهم اتحادي پارٽي آهي جنهن حڪومت جو عوامي ڀلائي جي حوالي سان هر قدم ۾ ساٿ ڏنو آهي. وزيراعظم لاڳاپيل عملدارن کي ايم ڪيوايم جي بجيٽ تجويزن تي غور ڪرڻ ۽ هڪ قابل عمل ۽ ٺوس حڪمت عملي جوڙي پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ملاقات ۾ ملڪي سياسي صورتحال تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي

بقايا *** 02

ڪري ورتي آهي قومي اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر سردار اياز صادق جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس جي دوران چيني وفد جي مهمانن جي گيلري ۾ آمد تي ميمبرن ڊيسڪ وڄائي وفد جي آجيان ڪئي. اسپيڪر طرفان چيني وفد کي ڀليڪار چيو ويو. خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري طرفان چيني وفد جو پرجوش استقبال ڪيو ويو. هن مهمانن جي گيلري ۾ وڃي چيني وفد سان هٿ ملايو ايوان پاڪ چين جي وچ ۾ لاڳاپن جا 75 سال مڪمل ٿيڻ تي قرارداد گڏيل طور تي منظور ڪري ورتي. قرارداد وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري پيش ڪئي جنهن ۾ چيو ويو ته هي ايوان پاڪ چين لاڳاپن جا 75 سال مڪمل ٿيڻ تي مبارڪباد پيش ڪري ٿو ايوان چيني وفد کي ڀليڪار چئي ٿو سي پيڪ تي پاڪ چين ڪوشش جي تعريف ڪري ٿو. قرارداد ۾ چيو ويو ته هي ايوان اعلان ڪري ٿو ته دنيا ايندڙ پنجهتر سالن ۾ پاڪ چين دوستي کي وڌيڪ مضبوط ڏسندي اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي اجلاس کي خطاب ۾ چيو ته اسان جا ۽ حڪومت جي وچ ۾ اختلاف آهن جنهن کي پاسي تي رکي اسان هتي آيا آهيون، چيني وفد جي پهچڻ تي بائيڪاٽ ختم ڪيو. اسان چيني وفد کي قومي اسيمبلي اچڻ تي ڀليڪار چئون ٿا. پاڪستان چين جا احسان ڪڏهن به وساريندو چيني وفد جي اعزاز ۾ استقباليه ايجنڊا مڪمل ٿيندي ئي اپوزيشن ايوان مان واڪ آئوٽ ڪري وئي. چيني وفد جي احترام ۾ اپوزيشن نعريبازي کان به پاسو ڪيو چيني وفد سڄي ايوان طرفان ملندڙ آجياڻي تي انتهائي خوشي جو اظهار ڪيو. هوڏانهن چيني وفد سينيٽ جي اجلاس ۾ به شرڪت ڪئي. چيئرمين سينيٽ سيد يوسف رضا گيلاني چيني وفد کي اجلاس ۾ ڀليڪار چيو.

بقايا *** 03

هڪ هفتي جي دوري تي اسلام آباد پهتو آهي. ايوان صدر جي ترجمان موجب نورخان ايئر بيس تي صدر آصف علي زرداري ۽ خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري سندس استقبال ڪيو آغا خان کي ايوان صدر ۾ اعزازي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو، جتي قومي ترانو وڄڻ دوران صدر آصف علي زرداري سندس ساڻس گڏ موجود هو بيان موجب، آغا خان 20 مئي کان 26 مئي تائين پاڪستان جو دورو ڪري رهيو آهي پنهنجي مختلف مصروفيتن دوران هو وفاقي گادي واري شهر ۾ حڪومت ۽ گلگت بلتستان (GB) جي عملدارن سان ملاقات ڪندو هنزه ۽ گلگت بلتستان ۾ تياريون انتهائي تيزئي ويون آهن. هن گلگت ۽ هنزه جي عوام کي غربت مان ڪڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو ۽ ماڻهو سندس لاءِ ديوانا آهن. پرنس رحيم آغا خان کي گذريل سال فيبروري ۾ اسماعيلي برادري جو 50 هون روحاني اڳواڻ مقرر ڪيو ويو هو. سندس والد Prince پرنس ڪريم آغا خان 88 ورهين جي عمر ۾ لزبن ۾ وفات ڪري ويو هو آمريڪا ۾ تعليم يافته ۽ سوئٽزرلينڊ ۾ رهندڙ پرنس رحيم ڪيترن ئي ادارن جي بورڊن تي ڪم ڪري چڪو آهي جيڪي آغا خان ڊولپمينٽ نيٽورڪ سان لاڳاپيل آهن. ۽ هو ان جي ماحوليات ۽ موسمي تبديلي واري ڪميٽي جو چيئرمين آهي.

بقايا *** 04

ڏسڻ ۾ آئي. 100 انڊيڪس 600 کان وڌيڪ پوائنٽ اضافي ڪانپوءِ هڪ لک 63 هزار 558 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو. گذريل ڪاروباري ڏينهن جي پڄاڻي تي 100 انڊيڪس هڪ لک 62 هزار 896 پوائنٽس تي بند ٿيو هو. ٻئي طرف انٽر بئنڪ ۾ آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ استحڪام برقرار رهيو. ڪرنسي مارڪيٽ ۾ ڊالر 278 رپيا 57 پئسن تي برقرار آهي.

بقايا *** 05

وڌيڪ 26 فوتگيون رپورٽ ٿيون آهن ميڊيا رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو ته جمهوريه ڪانگو ۾ ايبولا وائرس سبب هينئر تائين فوتين جو انگ 131 ٿي ويو آهي. هوڏانهن ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن وائرس جي ڦهلجڻ سبب صورتحال تي عالمي ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي آهي ميڊيا رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته بنيادي طبي سهولتون محدود هجڻ سبب وائرس جي وقت تي سڃاڻپ ۾ پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ٻئي طرف اردن به جمهوريه ڪانگو ۽ يوگنڊا مان ايندڙ مسافرن جي ملڪ ۾ داخلا تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي. اردن جون سرڪاري خبرون ڏيندڙ ايجنسي موجب اهڙي قدم جو مقصد خطي کي وبا کان محفوظ رکڻ آهي.

بقايا *** 06

مختلف کاتن ۾ ڪم ٺپ ٿي ويو بلڊنگ نمبر 6 چيف سيڪريٽريٽ سنڌ جي آفيس جي برابر ۾ موجود آهي عمارت ۾ ڪاليج ايجوڪيشن کاتو ، اسپيشل ايجوڪيشن ۾ ، انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتو ، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ، لا اينڊ پراسيڪيوشن ۽ ٻين کاتن جا دفتر قائم آهن ذريعن موجب بجلي نه هجڻ سبب ڪجهه کاتن جي آفيسرن آفيس ۾ ويهڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي ڪجھ کاتن جا سيڪريٽريز جنريٽر استعمال ڪري رهيا آهن ٻيا آفيسر ۽ ملازم بغير بجلي جي آفيسن ۾ ويهڻ تي مجبور آهن ملازمن چيو ته سخت گرمي ۾ بجلي کان سواءِ آفيسن ۾ ويهڻ ڏکيو آهي بجلي نه هجڻ سبب آفيسن ۾ ڪمپيوٽر ، انٽرنيٽ ڊوائسز ۽ ٻيا اپلائنسز بند آهن بجلي بند ٿيڻ سان سنڌ جي انهن لاڳاپيل کاتن ۾ 6 ڏينهن کان ڪم ناهي ٿيو ڪاليج ايجوڪيشن کاتي جي ذريعن مطابق بلڊنگ نمبر 6 جو ڪنيڪشن فنانس کاتي جي عمارت کان ان لاءِ ورتو ويو هو ته ڄاڻايل کاتي جون آفيسون لوڊ شيڊنگ جي فري زون ۾ اچن ٿيون فنانس کاتي هي ڪنيڪشن ڪٽرائي ڇڏيو هاڻي پراڻو ڪنيڪشن بحال نه پيو ٿئي جنهن سبب ڪافي ڏينهن کان بجلي موجود ناهي

بقايا *** 07

پ ۾ شرڪت ڪئي. ورڪشاپ جو اهتمام ٽر ايجوڪيشن الائنس پاران فنڊ هر فيوچر منصوبي تحت ملالہ فنڊ جي سهڪار سان ڪراچي ۾ ڪيو ويو. ورڪشاپ ۾ لاڙڪاڻو، ڪراچي، سکر، بدين، سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر مان 30 کان وڌيڪ صحافين شرڪت ڪئي، جيڪي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ميڊيا ادارن جي نمائندگي ڪري رهيا هئا. تربيت جو مقصد صحافين کي اهو سمجهائڻ هو ته تعليمي بجيٽ ڪيئن تيار، مختص ۽ خرچ ڪئي وڃي ٿي، خاص طور تي ڇوڪرين جي تعليم ۽ صنفي برابري جي حوالي سان بجيٽ جو هجڻ لازمي آهي. شرڪت ڪندڙ صحافين کي ٻڌايو ويو ته سنڌ ۾ غربت، ڊگها فاصلا، ننڍي عمر ۾ شاديون ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب هزارين ڇوڪريون تعليم کان محروم آهن. اهڙي صورتحال ۾ انگن اکرن تي ٻڌل ۽ ذميوار صحافت ادارن کي جوابده بڻائڻ ۽ پٺتي پيل برادرين جي آواز کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. تربيتي سيشنن دوران صحافين کي تعليمي ماليات جي جائزي، سرڪاري خرچن ۾ صنفي فرق جي سڃاڻپ، بجيٽ دستاويزن کي سمجهڻ ۽ تعليم جي شعبي بابت عوامي مفاد جون اثرائتيون خبرون تيار ڪرڻ جي عملي تربيت ڏني وئي. ان دوران بجيٽ ڪتابن کي پڙهڻ، اسڪول سطح تي مختص رقم جي نگراني ۽ پيچيده مالي اصطلاحن کي سمجهڻ تي به تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. عملي مشقن، گروپ بحثن ۽ خبر نويسي جي سيشنن ذريعي شرڪت ڪندڙن

بقايا *** 08

موثر سهولتڪاري جي نتيجي ۾ آزاد جمون ۽ ڪشمير ۾ تقريبن ٻن سالن کان معطل تيل مائننگ لائسنس جو اجرا ٻيهر بحال ڪيو ويو آهي. جنهن کي معدني شعبي جي بحالي ۽ سيڙپڪاري جي فروغ طرف اهم اڳڀرائي قرار ڏنو پيو وڃي. مارچ 2024 ع کان معطل تيل مائننگ لائسنسن جو عمل ايس آءِ ايف سي جي اسٽريٽجڪ ۽ جامع قدمن جي ڪري ٻيهر فعال ٿيو آهي. ان دوران، مختلف انتظامي ۽ پاليسي رڪاوٽن کي ختم ڪندي نوان مائننگ لائسنسن جاري ڪرڻ جي راهه هموار ڪئي وئي. اختيارين جو چوڻ آهي ته مائننگ ليز جي بحالي سان آزاد جمون ۽ ڪشمير ۾ معدني وسيلن مان موثر لاڀ ممڪن ٿيندو، جڏهن ته مقامي ۽ غير ملڪي سيڙپڪاري ۾ پڻ واڌ جي اميد آهي. ان سان گڏوگڏ تحقيق، معدني ترقي جون سرگرميون ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيڻ جي اميد به ڪئي پئي وڃي. ماهرن مُوجب ان قدم سان خطي ۾ ڪاروباري ماحول بهتر ٿيندو ۽ سيڙپڪارن جو اعتماد وڌيڪ مضبوط ٿيندو. سرڪاري ڌرين ان اڳڀرائي کي پاڪستان ۾ پائيدار معاشي ترقي ۽ سڌارن واري عمل جي لاءِ ايس آءِ ايف سي جي اهم ڪردار جو مظهر قرار ڏنو آهي.

بقايا *** 09

ن ايڪسيليريٽر ڪائونسل جي چوٿين اعليٰ سطحي اجلاس ۾ عالمي سطح تي ٽي بي خلاف گڏيل ڪوششن کي سراهيندي چيو ته ٽي بي اڄ به سڄي دنيا ۾ صحت لاءِ سنگين چئلينج آهي، جيڪو پاڪستان جهڙي وڏي بار برداشت ڪندڙ ملڪن کي غير متناسب طور تي متاثر ڪري ٿو. صحت واري وزارت طرفان جاري بيان موجب وفاقي وزير اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته مؤثر پهچ جوڳي ۽ سستي ٽي بي ويڪسين کانسواءِ ان مرض جو خاتمو ممڪن ناهي. هن ٽن اهم ترجيحن تي زور ڀريندي چيو ته نئين ٽي بي ويڪسين کي عالمي عوامي اثاثي طور تي ڏسڻ گهرجي ته جيئن وڌيڪ متاثر ملڪن کي قيمت يا پيداواري صلاحيت جي بنياد تي دير کي منهن نه ڏيڻو پوي. هن چيو ته ان مقصد لاءِ منصفاڻي ورڇ جي نظام ۽ علائقائي سطح تي پيداواري صلاحيت ۾ واڌ اهم آهي. هن چيو ته ٽي بي ويڪسين جو لاڳو ڪرڻ قومي صحت ۽ حفاظتي ٽڪن جي نظام سان مربوط هئڻ گهرجي، جنهن ۾ صحت جي بنيادي سهولتن، نگرانيءَ جي نظام، ليبارٽري نيٽ ورڪس ۽ ڊجيٽل هيلٿ انفراسٽرڪچر شامل هجن. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ملڪ ۾ تياري، آگاهي ۽ ڪميونٽي پائيواريءَ لاءِ ورڪنگ گروپ جي قيام جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو. هن زور ڀريو ته ٽي بي ويڪسين لاءِ مستقل ۽ اڳواٽ جوڳي فنڊنگ يقيني بڻائي وڃي چاڪاڻ ته ٽي بي ويڪسين جي تياري تيز ڪرڻ لاءِ عالمي سطح تي پائيدار مالي وسيلن جي فراهمي اٽل آهي. هن عالمي برادريءَ تي زور ڀريو ته جي_20 سميت ٻين عالمي فورمز تي ٽي بي ويڪسين جي مالي معاونت کي ترجيح ڏني وڃي. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ٽي بي، جي خاتمي لاءِ پنهنجي ڪوششن کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندو ۽ ٽي بي ويڪسين جي تحقيق، تياري ۽ منصفاڻي ورڇ لاءِ عالمي ڀائيواريءَ کي هٿي ڏيڻ لاءِ پُرعزم آهي. هن چيو ته ٽي بي کان بچاءَ لاءِ فوري قدمن، جدت ۽ عالمي يڪجهتي جا گهرجائو آهن ۽ گڏيل ڪوششن سان لکين جانيون بچائي سگهجن ٿيون.

بقايا *** 10

اڳڀرائي سامهون اچي وئي آهي. ذريعن موجب سي ٽي ڊي جي 2 اهلڪارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي سي ٽي ڊي ذريعن موجب ٻئي اهلڪار پنڪي سان رابطي ۾ رهندا هئا، گرفتار ڪيلن ۾ اي ايس آءِ ڪفيل ۽ هڪ سپاهي علي به شامل آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ٻنهي اهلڪارن جي پوسٽنگ سي ٽي ڊي سول لائنز ۾ آهي سي ٽي ڊي ذريعن موجب ڪفيل ڪجهه سال اڳ پنڪي جي رائيڊر کي گرفتار ڪيو هو. رائيڊر جي ذريعي پنڪي سان رابطا وڌايا ويا، ڪفيل پنهنجي ساٿي علي جي ذريعي پنڪي کي سپورٽ ڪيو ٻنهي اهلڪارن کي اڄ صبح آفيس گهرايو ويو. ٻنهي کان پنڪي بابت سوال ڪيا ويا، جنهن جا هو مطمئن ڪندڙ جواب نه ڏئي سگهيا، ٻنهي کان وڌيڪ جاچ جاري آهي ٻئي طرف منشيات ڪيس ۾ گرفتار انمول عرف پنڪي ڪيس ۾ ضلعي ايس ايس پي علي حسن کي معطل ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب معطلي جو فيصلو سنڌ جي گهرو وزير جي هدايت تي ڪيو ويو آهي ٻئي طرف انمول عرف پنڪي کي 3 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس جي حوالي ڪيو ويو. پنڪي کي ڪراچي جي جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ۾ درخشان ٿاڻي جي پنج ۽ گزري ٿاڻي جي 3 ڪيسز ۾ پيش ڪيو ويو هو پنڪي انهي کان اڳ قتل ۽ منشيات هٿ اچڻ واري ڪيس ۾ 22 مئي تائين جسماني ريمانڊ تي پوليس جي تحويل ۾ آهي.

بقايا *** 11

جي لاءِ پاڻ ئي ڪچي جي علائقي پهچي ويو ايس پي سٽي اياز سليم موجب شهري نورالدين جي ڀاءُ آبپاره ٿاڻي ۾ پنهنجي ڀاءُ جي گمشدگي جي درخواست ڏني هئي. چار ڏينهن کان پوءِ مبينه مغوي جي فيملي کي ڪچي جي علائقي مان هڪ وڊيو اماڻي وئي ايس پي سٽي موجب وڊيو ۾ شهري نورالدين ڪچي جي ڌاڙيلن وٽ اغوا ٿيل نظر اچي رهيو هو. جاچ جي دوران خبر پئي ته جوابدار وڊيو ڪراچي مان اماڻي هئي. جڏهن ته اغوا ٿيل شهري اسلام آباد ۾ پنهنجي هڪ ويجهي دوست سان مسلسل رابطي ۾ هو پوليس موجب جوابدار پنهنجي دوست سان گڏجي اغوا ٿيڻ واري ڊرامي جو منصوبو ناهيو جوابدار کي ماڻهن جا 22 ڪروڙ روپيه قرض ڏيڻو هو. جنهن کان بچڻ جي لاءِ هن ڪچي جي ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿيڻ جو ڊرامو ڪيو ايس پي سٽي جو چوڻ آهي ته جوابدار ڪچي جي علائقي ۾ ڪرائي جي ڌاڙيلن کي ڏهاڙي تي پاڻ سان گڏ ٻيهاريو ۽ پاڻ ئي وڊيو ٺهرائي گهر ڀاتين ۽ سوشل ميڊيا تي وائرل ڪرائي. پوليس چئن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جوابدارن کي ڪراچي کان واپسي تي رحيم يارخان جي پرسان گرفتار ڪيو ويو. ايس پي سٽي اياز سليم موجب اغوا جو ڪوڙو ڊرامو ڪندڙن جي خلاف اين سي سي آءِ اي ۾ ڪيس داخل ڪرايو ويندو.

بقايا *** 12

ڇڏيو هي بل غير قانوني جرڳن، پنچائيتن ۽ پاڻ مرادو انصاف جي خاتمي لاءِ اهم قانونسازي جو بنياد آهي بل موجب قتل تشدد ۽ گڏيل حملن تي ڀڙڪائيندڙ فيصلن کي وڏو جرم قرار ڏنو ويو آهي بل جي متن موجب ڳوٺ ساڙڻ گهرن کي باهه لڳائڻ ۽ اجتماعي سزا جي فيصلن تي سخت ڪارروائي ٿيندي ، سوشل بائيڪاٽ جبري نيڪالي ۽ بنيادي سهولتن کان محروم ڪرڻ جا فيصلا به پڪڙ جوڳا هوندا بل ۾ چيو ويو آهي ته جبري شادي زبردستي طلاق ، پسند جي شادي تي سزا ۽ انسانن جي ڏي وٺ جرم سمجهيو ويندو پوليس يا عدالت تائين پهچ روڪڻ ۽ ايف آءِ آر واپس وٺڻ لاءِ ڌمڪائڻ تي پابندي هوندي هر شهري کي مذهب ، ذات برادري ۽ جنس کان متاثرن تي تحفظ ڏنو ويندو

بقايا *** 13

ٽايل بل پيش ڪيو ويو نجب مرزا سنڌ پروهيبيشن آف ان لا فل جرگاز بل 2026 جمع ڪرائي ڇڏيو هي بل غير قانوني جرڳن، پنچائيتن ۽ پاڻ مرادو انصاف جي خاتمي لاءِ اهم قانونسازي جو بنياد آهي بل موجب قتل تشدد ۽ گڏيل حملن تي ڀڙڪائيندڙ فيصلن کي وڏو جرم قرار ڏنو ويو آهي بل جي متن موجب ڳوٺ ساڙڻ گهرن کي باهه لڳائڻ ۽ اجتماعي سزا جي فيصلن تي سخت ڪارروائي ٿيندي ، سوشل بائيڪاٽ جبري نيڪالي ۽ بنيادي سهولتن کان محروم ڪرڻ جا فيصلا به پڪڙ جوڳا هوندا بل ۾ چيو ويو آهي ته جبري شادي زبردستي طلاق ، پسند جي شادي تي سزا ۽ انسانن جي ڏي وٺ جرم سمجهيو ويندو پوليس يا عدالت تائين پهچ روڪڻ ۽ ايف آءِ آر واپس وٺڻ لاءِ ڌمڪائڻ تي پابندي هوندي هر شهري کي مذهب ، ذات برادري ۽ جنس کان متاثرن تي تحفظ ڏنو ويندو

بقايا *** 14

تي سخت الزام مڙهيا آهن جڏهن ته پوليس آفيسرن انهن الزامن جي ترديد ڪئي آهي فوتي محمد تنوير جي پٽ ايس ايڇ او چوڌري نواز تي پنهنجي والد تي تشدد جو الزام مڙهيندي دعوي ڪئي آهي ته سندس والد کي پهريان ٿاڻي تي منتقل ڪيو ويو ۽ پوءِ اتي تشدد ڪيو ويو پٽ جو چوڻ هو ته پوليس ڪسٽڊي ۾ تشدد سبب ان جي والد جي طبيعت خراب ٿي ۽ هو فوت ٿي ويو وارثن اهو به الزام مڙهيو ته پوليس گهر جو قبضو خالي ڪرائڻ لاءِ والد تي دٻاءُ وجهي رهي هئي گهرڀاتين گهر ڪئي آهي ته زميدار ايس ايڇ او ۽ اهلڪارن جي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي اعليٰ آفيسرن واقعي جي جاچ ڪرائي کين انصاف ڏيڻ ٻئي پاسي پوليس چيو آهي ته محمد تنوير جي پٽ جي زال پنهنجي سهري ۽ ٻين ماڻهن جي خلاف ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو هو ۽ پوليس انهي ڪيس ۾ گرفتاري لاءِ محمد تنويز جي گهر پهتي هئي پوليس جي دعوي آهي ته تحويل ۾ وٺڻ دوران پيرسن شهري کي اوچتو دل جو دورو پيو جنهن تي کيس بنا دير پوليس موبائيل ۾ منتقل ڪيو پئي ويو ته ان رستي ۾ دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو پوليس گهرڀاتين کي خاطري ڪرائي آهي ته واقعي جي جاچ ڪئي ويندي وارث مطالبو ڪندا ته قانون موجب واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ به تيار آهيون

بقايا *** 15

جي چيئرمين ريحان هاشمي جي اَٿڪ ڪوشش جي نتيجي ۾ اسپتال لاءِ رکيل قيمتي زمين کي مافيا کان ڇڏايو ويو آهي حلال احمر جي عملدارن مطابق اورنگي ٽائون 5 نمبر تي اسپتال جي زمين تي قبضو ڪري 100 کان وڌيڪ دڪان ٺهرايا هئا قبضو ڪندڙن انهن ايراضي تي ڪمرشل سرگرميون شروع ڪري ڏنيون هيون هي زمين آجي ڪرائڻ لاءِ ميئر ڪراچي ڪمشنر ڪراچي ، ايس بي سي اي کي درخواستون ڏنيون ويون هيون جنهن تي ڪارروائي ڪئي وئي آپريشن ۾ غير قانوني دڪانن جو سامان ضبط ڪيو ويو آهي قبضو ڪندڙن کي چتاءُ ڏنو ويو آهي ته ٻيهر قبضو ڪرڻ جي صورت ۾ سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي حلال احمر انتظاميا جو چوڻ آهي ته قبضو ڇڏايل زمين تي اسپتال ناهي ويندي جتي عوام جو مفت علاج ڪيو ويندو

بقايا *** 16

جي چيئرمين ريحان هاشمي جي اَٿڪ ڪوشش جي نتيجي ۾ اسپتال لاءِ رکيل قيمتي زمين کي مافيا کان ڇڏايو ويو آهي حلال احمر جي عملدارن مطابق اورنگي ٽائون 5 نمبر تي اسپتال جي زمين تي قبضو ڪري 100 کان وڌيڪ دڪان ٺهرايا هئا قبضو ڪندڙن انهن ايراضي تي ڪمرشل سرگرميون شروع ڪري ڏنيون هيون هي زمين آجي ڪرائڻ لاءِ ميئر ڪراچي ڪمشنر ڪراچي ، ايس بي سي اي کي درخواستون ڏنيون ويون هيون جنهن تي ڪارروائي ڪئي وئي آپريشن ۾ غير قانوني دڪانن جو سامان ضبط ڪيو ويو آهي قبضو ڪندڙن کي چتاءُ ڏنو ويو آهي ته ٻيهر قبضو ڪرڻ جي صورت ۾ سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي حلال احمر انتظاميا جو چوڻ آهي ته قبضو ڇڏايل زمين تي اسپتال ناهي ويندي جتي عوام جو مفت علاج ڪيو ويندو

بقايا *** 17

س لاءِ اپيلن جي فوري پيروي کان لاچاري ظاهر ڪري ڇڏي ايڊووڪيٽ سلمان اڪرم راجه سلمان صفدر پاران درخواست پيش ڪندي چيو آهي ته سلمان صفدر کي اک جي بيماري آهي سلمان اڪرم راجا عمران خان جي سزا معطلي جي درخواستن کي ٻڌڻ کان انڪار جي خلاف اپيل لاءِ مهلت جي درخواست ڪئي آهي

بقايا *** 18

جو وحيد حيدر، هينڊز جي ڊسٽرڪٽ آپريشن مئنيجر حسين زئور، آواز دو ضلعي فورم جي سرگرم ميمبر ۽ ڪيئر انٽرنيشنل جي نعيم خاصخيلي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڳوٺاڻن پاران سگهڙ ڪچهري، قدرتي آفتن، موسمياتي عمل ۽ ٽوٽڪن سان لوڪ ڪچهري کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا، جڏهن ته ڳوٺاڻن پاران مولود پڻ پيش ڪيا ويا. آواز دو پروجيڪٽ جي پروجيڪٽ آفيسر آيل ڳوٺاڻن ۽ مهمانن کي آجياڻو ڏيندي چيو ته پاڻ سڀني کي گڏجي فطرت جي حُسناڪي جي بچائڻ لاءِ فطرت جي حُسن جي حفاظت ڪرڻي آهي ۽ هڪ ماحول ۽ موسمياتي دوست سماج اڏڻو آهي. ان موقعي تي مهمان خاص جي حيثيت ۾ خطاب ڪندي ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي چيو ته موسمياتي عمل تي انڊس ريسورس سينٽر پاران اهڙي زبردست لوڪ ڪچهري ڪوٺائڻ سٺو سنوڻ آهي، هُن چيو ته آواز دو پروجيڪٽ تمام بهترين طريقي سان گرائونڊ تي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ عام ڳوٺاڻن تائين اقليت ۾ آيل سمورن ڌرين لاءِ آگاهي جو بهتر آواز بڻيل آهي، سيد اياز علي شاهه شيرازي چيو ته صنفي تشدد متعلق آواز دو پاران اهڙو زبردست ڪم ٿئي جي ماڻهن لاءِ خوشنصيبي آهي. جڏهن ته لوڪ ڪچهري جي آخر ۾ رات جو صوفياڻو راڳ پڻ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ نوجوان راڳي رزاق راجا مشهور صوفي راڳ ٻڌائي ويٺلن کي طاري ڪري ڇڏيو

بقايا *** 19

ڊويزن پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن مطابق عيد الاضحيٰ جون موڪلون 26، 27 ۽ 28 مئي تائين ٿينديون وزيراعظم جي منظوري سان ڪابينا ڊويزن عيد الاضحيٰ جي موڪلن جو نوٽفڪيشن جاري ڪيو

بقايا *** 20

شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ان منصوبي سان شهر ۾ ٽريفڪ جي دٻاءُ ۾ نمايان گهٽتائي ايندي ۽ ٽرانسپورٽ نظام ۾ بهتري پيدا ٿيندي. اهي فيصلا سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي بورڊ جي هڪ اهم اجلاس ۾ ڪيا ويا، جنهن جي صدارت سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪئي. اجلاس ۾ سکر جي ميئر ارسلان اسلام شيخ، ٽرانسپورٽ سيڪريٽري اسد ضامن، ايم ڊي ايس ايم ٽي اي سليم الله اوڊو، ڊي آئي جي ٽريفڪ پير محمد شاهه سميت ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ شهري ٽرانسپورٽ جي نظام کي بهتر بڻائڻ، ٽريفڪ جي دٻاءُ ۾ گهٽتائي ۽ ماحول دوست سفري سهولتن کي هٿي وٺرائڻ جي مختلف منصوبن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. بورڊ جي اجلاس ۾ ڪراچي ۾ اي وي (اليڪٽرڪ ويهڪل) ٽيڪسي سروس جلد شروع ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو، جڏهن ته منصوبي تي عملي اڳڀرائي کي تيز ڪرڻ لاءِ هلندڙ مهيني فنانشل ايويليوئيشن اوپن ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ ڪراچي لاءِ 50 نيون ڊبل ڊيڪر بسون خريد ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو. شرجيل انعام ميمڻ موجب، ڊبل ڊيڪر بسن جو مقصد شهري چرپر ۽ مسافرن جي اچ وڃ کي بهتر بڻائڻ آهي، جڏهن ته هر بس ۾ 126 مسافرن جي گنجائش هوندي. جنهن سان پبلڪ ٽرانسپورٽ تي دٻاءُ ۾ نمايان گهٽتائي ايندي. اجلاس ۾ عورتن لاءِ وڌيڪ 500 پنڪ اي وي اسڪوٽيون خريد ڪرڻ جي منظوري به ڏني وئي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته 22 مئي تي حيدرآباد ۾ عورتن کي پنڪ اي وي اسڪوٽيون ورهايون وينديون. هن جو چوڻ هو ته پنڪ اي وي اسڪوٽي اسڪيم هڪ انقلابي منصوبو ثابت ٿي آهي، جنهن عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، جڏهن ته صرف هڪ سال ۾ هڪ هزار اسڪوٽين معاشرتي سوچ کي بدلائي ڇڏيو آهي. بورڊ اجلاس ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت 500 اي وي بسون خريد ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو. انهن مان 450 اي وي بسون ڪراچي جي 25 مختلف روٽن، جڏهن ته 50 بسون حيدرآباد جي 5 روٽن تي هلايون وينديون. شرجيل انعام ميمڻ ٻڌايو ته اي وي گاڏين لاءِ پوري صوبي ۾ 5 جديد ڊيپو قائم ڪيا ويندا. جن مان 4 ڪراچي جڏهن ته هڪ حيدرآباد ۾ تعمير ٿيندو. هن وڌيڪ چيو ته اي وي بسن جي ايندڙ مرحلي جي شروعات سکر کان ڪئي ويندي ته جيئن سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ پڻ جديد ۽ ماحول دوست سفري سهولتون فراهم ڪري سگهجن. اجلاس ۾ حيدرآباد ۾ مولائي علي جي قدم گاهه ويجهو هڪ ماڊرن پارڪنگ پلازا تعمير ڪرڻ جي منظوري به ڏني وئي، جيڪو هڪ ايڪڙ زمين تي ٻڌل هوندو ۽ ان سان زائرين ۽ شهرين کي بهتر پارڪنگ جي سهولت ميسر ايندي. ان کان علاوه اجلاس ۾ اڳتي هلي سمورن ٽريفڪ سگنلن کي سولر سسٽم تي منتقل ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو.

بقايا *** 21

واري گيلري پهتي ۽ وفد جي ميمبرن سان هٿ ملايو. قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ آصفه ڀٽو زرداري مهمانن جي گيلري ۾ موجود چيني وفد سان آئي وڃي مُلاقات ڪئي ۽ انهن جي خيريت پُڇي. چيني وفد پُوري ايوان پاران ملندڙ عزت ۽ احترام تي تمام گهڻي خوشي جو اظهار ڪيو.

بقايا *** 22

سرگرمين ۾ شرڪت جي لاءِ چين جو وفد 20 کان 21 مئي تائين اسلام آباد جو دورو ڪري رهيو آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب چين جي 14 هين نيشنل پيپلز ڪانگريس (اين پي سي) جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي وائيس چيئرمين ڪائي ڊافينگ جي قيادت ۾ چيني وفد اسلام آباد پهچي ويو آهي جنهن جو استقبال قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه پاڪ چين پارليامانی فرينڊشپ گروپ جي ڪنوينر قومي اسيمبلي ميمبر رومينه خورشيد عالم سان گڏ ڪيو بيان موجب وفد پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جي 75 هين سالگرهه جي موقعي تي يادگاري سرگرمين ۾ شرڪت جي لاءِ 20 کان 21 مئي تائين اسلام آباد جو دورو ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 23

سان مينيجنگ ڊائريڪٽر بيت المال ڪيپٽن رٽائرڊ شاهين بٽ ملاقات ڪئي جنهن ۾ ايم ڊي بيت المال وزيراعظم کي اداري جي ڪارڪردگي تي جائزو پيش ڪيو وزيراعظم چيو ته مستحق ۽ نادار ماڻهن کي بروقت سهولتون ڏيڻ حڪومت جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي وزيراعظم بيت المال ۾ درخواستن تي عملدرآمد ۾ تيزي ۽ درخواست جمع ڪرائڻ جي طريقيڪار کي آسان ۽ تڪڙو بڻائڻ جي هدايت ڪئي

بقايا *** 24

ن_چين بزنس فورم جي صدر ۽ چيني سيڙپڪارن جي هڪ اعليٰ سطحي وفد ملاقات ڪئي، جنهن ۾ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ اقتصادي تعاون، سيڙپڪاري جي فروغ ۽ مختلف شعبن ۾ گڏيل منصوبن جي امڪانن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اقتصادي رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ سيڙپڪاري جا نوان موقعا ڳولڻ تي اتفاق ڪيو ويو. وفد پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جي وسيع موقعن خاص طور تي زراعت، انفارميشن ٽيڪنالاجي، آٽو موبائيل ۽ انجنيئرنگ جي شعبن ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي وفاقي وزير قيصر احمد شيخ چيو ته پاڪستان جي حڪومت پرڏيهي سيڙپڪارن لاءِ سازگار ۽ محفوظ ڪاروباري ماحول جي فراهمي کي يقيني بڻائي رهي آهي ته جيئن سيڙپڪاري جي عمل کي وڌيڪ آسان ۽ موثر بڻائي سگهجي. هن چيو ته حڪومت جي سيڙپڪار دوست پاليسين ۽ ڪاروبار ۾ آسانيءَ جي قدمن سان پاڪستان ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري جي رجحان ۾ اضافو ٿي رهيو آهي.

بقايا *** 25

ڊي رستن کان غير قانوني چرپر روڪڻ ۾ پاڪستان ڪوسٽ گارڊ جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي طلال چوڌري پاڪستان ڪوسٽ گارڊ رڪروٽس جي پاسنگ آئوٽ پريڊ جي تقريب ۾ شرڪت ڪئي جتي ڊي جي پاڪستان ڪوسٽ گارڊ ميجرجنرل جواد رياض خاص مهمان جي آجيان ڪئي ان موقعي تي ايس سي جي رڪروٽس طلال چوڌري کي سلامي ڏني تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته پاڪستان جي ساحلي پٽي کي پرامن بڻائڻ ۾ ڪوسٽ گارڊ جي 23 جوانن خون جو نذرانو پيش ڪيو پاڪستان ڪوسٽ گارڊ جي ڪري اسان جون ساحلي حالتون ڪافي بهتر آهن پاڪستان ڪوسٽ گارڊ اعليٰ ڪارڪردگي رکندڙ فورس آهي پاڪستان ڪوسٽ گارڊز جي فلاح ۽ ٻهبود لاءِ ڪيئي منصوبن تي ڪم جاري آهي پاڪستان ڪوسٽ گارڊ ساموندي جيوت جي تحفظ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 26

مددگار قاسم نويد قمر تعمير هيٺ شاهراهه ڀٽو منصوبي جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ هلندڙ تعميراتي ڪم، انٽرچينجز، ٽول پلازا، لينڊ اسڪيپنگ ۽ ٻين سهولتن جو جائزو ورتو ان موقعي تي لاڳاپيل اختيارين منصوبي جي مڪمل ٿيڻ، ٽريفڪ جي وهڪري، حفاظتي قدمن ۽ افتتاحي انتظامن بابت بريفنگ ڏني. صوبائي وزير ناصر حسين شاهه چيو ته بلاول ڀٽو زرداري 22 مئي تي شاهراهه ڀٽو منصوبي جو باقاعده افتتاح ڪندو. جڏهن ته هي منصوبو ڪراچي جي جديد ٽرانسپورٽ ضرورتن کي نظر ۾ رکندي انتهائي شاندار ۽ جديد طرز تي تعمير ڪيو ويو آهي. هن چيو ته شاهراهه ڀٽو جي مڪمل ٿيڻ سان شهرين کي سفري سهولتن ۾ نمايان بهتري ملندي ۽ مختلف علائقن وچ ۾ فاصلا گهٽجڻ سان گڏ ٽريفڪ دٻاءُ ۾ به واضح گهٽتائي ايندي. ناصر حسين شاهه وڌيڪ چيو ته منصوبي جي فعال ٿيڻ سان ڪلاڪن جو سفر منٽن ۾ طئي ٿيندو جنهن سان وقت ۽ ٻارڻ ٻنهي جي بچت ٿيندي ۽ صنعتي، تجارتي ۽ رهائشي سرگرمين کي به هٿي ملندي.

بقايا *** 27

شن 8.8 ارب يوآن کان ٽپي وئي آهي، جيڪا جاري ڪيل طلب جي ماپي کان پنجُوڻ تي وڌيڪ رهي، چيني ميڊيا جي رپورٽن موجب، پاڪستان چين جي انٽربينڪ بانڊ مارڪيٽ ۾ 2.5 سيڪڙو جي گهٽ ۾ گهٽ وياج جي شرح تي ڪامياب پانڊا بانڊز جاري ڪيو. جنهن کي تازن سالن ۾ پاڪستان جي ٻاهرين خودمختار فنانسنگ لاڳت جي گهٽ ترين سطح قرار ڏنو پيو وڃي. رپورٽ موجب، هن بانڊ جي گڏيل ضمانت ايشين انفراسٽرڪچر انويسٽمينٽ بينڪ ۽ اي ڊي بي ڏني آهي، جڏهن ته حاصل ٿيندڙ فنڊ صاف توانائي، انفراسٽرڪچر ۽ ترقياتي منصوبن تي خرچ ڪيا ويندا. تجزيڪارن موجب، پانڊا بانڊز جي غير معمولي اوور سبسڪرپشن پاڪستان جي معاشي سڌارن، مالي استحڪام ۽ مستقبل جي ترقي تي عالمي سيڙپڪارن جي اعتماد جو واضح ثبوت آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته پاڪستان ڊگهي عرصي کان ترقياتي فنڊز لاءِ آمريڪي ڊالر تي ڀاڙيندو رهيو.

بقايا *** 28

س آفيسرن جي خلاف ڪارروائي ڪئي وئي نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته جاچ مڪمل ٿيڻ تائين پوليس آفيسرن کي ايس ايڇ او جي پوسٽن تان هٽائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ڪارروائي تحت آرٽلري ميدان بلال ڪالوني نارٿ ناظم آباد ۽ ڊفينس ٿاڻي جي ايس ايڇ اوز کي عهدن تان هٽايو ويو ان کان سواءِ سائٽ اي گارڊن گلشن معمار ۽ گڏاپ ٿاڻي جا آفيسر به عهدن تان هٽائڻ وارن ۾ شامل آهن پوليس آفيسرن مطابق انهن آفيسرن جي خلاف مختلف نوعيت جون انڪواريون جاري آهن انهن ڪري جاچ مڪمل ٿيڻ تائين ايس ايڇ اوز جي زميدارين کي الڳ رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو ذريعن چيو ته هي ڪارروائي آزاد خان جي حڪمن تحت ڪئي وئي لاڳاپيل آفيسرن جي خلاف جاچ جاري رهندي

بقايا *** 29

دوران اورنگي نالي ۾ ڪري شهري جي فوتگي جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جتي عدالت فيصلو ٻڌائيندي حادثي جو ذميوار ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن اورنگي کي قرار ڏيندي ڪي ايم سي کي آجو قرار ڏئي ڇڏيو عدالت چيو ته جديد ٽيڪنالاجي ۽ موسمياتي مشاهداتي نظام برسات جي مقدار جي صحيح اڳڪٿي ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. لاڳاپيل اختيارين جي نااهلي ۽ ناڪامي آهي ته انهن اڳواٽ قدمن دوران خطرناڪ مين هول کي بند نه ڪيو. ٽي ايم سي جي غفلت ۽ لاپرواهي تي ٻڌل رويو انهي فوتگي جو بنيادي ذميوار آهي درخواستگذار جي وڪيل عثمان فاروق ايڊووڪيٽ ٻڌايو ته 2020 ۾ ٿيل تيز برسات ۾ مقتول عارف قريشي گهر واپس اچي رهيو هو ته نالي ۾ ڪري سخت زخمي ٿيو جنهن کان پوءِ هو فوت ٿي ويو وڪيل عثمان فاروق چيو ته انتظاميه جي غفلت ۽ نااهلي سبب نالي جي مناسب سار سنڀال ۽ ڍڪڻ لڳل نه هو ٻئي طرف ٽي ايم سي اورنگي ٽائون موقف اختيار ڪيو ته برسات ۾ سمورا حفاظتي قدم کنيا ويا هئا. درخواستگذار جا الزام غلط آهن ڪيس ٻڌڻ جوڳو نه آهي ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ عدالت ريمارڪس ڏنا ته ٽي ايم سي جي نااهلي سبب مقتول جي قيمتي حياتي ضايع ٿي وئي، ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن اورنگي ٽائون مقتول جي گهرڀاتين کي ڏيڍ ڪروڙ روپيه ادا ڪري

بقايا *** 30

ي، سيد مدد علي شاهه ۽ ٻين پاران ٺٽي لڳ ڳوٺ گلشير بروهي ۾ بروهي هائوس تي پهتا، جتي بروهي برادري جي معزز شخصيت حاجي خير محمد بروهي، وڏيرو الهبخش عرف بابو بروهي، سردار شاهد بروهي ۽ ٻين بروهي برادري جي معززين پاران سندن ماڻائتو استقبال ڪري سندن ڏنل محبتن، پنهنجائپ ۽ عزت پرين لمحن کي يادگار بڻائي محبت ڀري ملاقات سندن دليون کٽي ورتيون آهن. هنن چيو ته اهي لمحا صرف ملاقات جا نه پر محبت، خلوص، احترام ۽ پراڻن رشتن جي خوبصورت عڪاسي جا هئا. هنن چيو ته جڏهن پنهنجا ماڻهو پنهنجائپ سان ملن ٿا ته لفظ به احساسن کي مڪمل بيان نٿا ڪري سگهن، هنن چيو ته اسان آيل سمورن مهمانن جا ته دل سان شڪر گذار آهيون ۽ کين پاڻ وٽ اچڻ تي ڀليڪار چئون ٿا، الله پاڪ کان دعا آهي ته اسان سڀني جي وچ ۾ هي محبتن جو سفر هميشه قائم ۽ دائم رهي. ان موقعي تي اڳوڻي ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاهه شيرازي ۽ صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته اسان حاجي خير محمد بروهي، وڏيرو الهبخش عرف بابو بروهي ۽ ٻين جا ته دل سان شڪر گذار آهيون، جن هيڏي ساري محبت ڏني، هنن چيو ته سندن عوامي خدمت هميشه بنا فرق جي جاري رهندي، هنن چيو ته عوامي ميلا وٽن اهو ثبوت آهن ته عوام ساڻن حد کان وڌيڪ محبت ڪري ٿي ۽ هو ۽ انهن سان اوتري مي محبت ڪن ٿا، جنهن ڪري وٽن هر وقت ميلا متل رهن ٿا. ان موقعي تي وين ٽرانسپورٽ وين سروس ضلعي ٺٽي جو صدر شاهجهان بروهي، نورالدين بروهي، وڏيرو داد محمد بروهي، وڏيرو شڪيل احمد بروهي، نواب بروهي، سردار شاهد بروهي، حاجي خير محمد بروهي، وڏيرو الهبخش عرف بابو بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا *** 31

ي تقريب ۾ سينيئر صحافي ۽ ڪالم نگار ڊاڪٽر توصيف احمد، ڊاڪٽر جعفر، انيس زيدي ۽ ميڊم طاهره خطاب ڪيو. جڏهن ته تقريب جي صدارت ممتاز صحافي محمود شام ڪئي نظامت جا فرض اين اي ڊي يونيورسٽي جي ترجمان فروه حسن انجام ڏنا ڊاڪٽر جعفر پنهنجي خطاب ۾ چيو ته 1857 ع جي جنگ آزادي جا 100 سال مڪمل ٿيڻ تي "ليل و نهار" جو ايڊيشن شايع ڪيو ويو هو چيو ته ان دور ۾ هندستان ۾ مختلف موضوعن تي ڪتاب شايع ٿي رهيا هئا، تنهنڪري "ليل و نهار" کي به ڪتابي شڪل ۾ پيش ڪيو ويو سندس چوڻ موجب "ليل و نهار" شروعات ۾ هڪ رسالو هو، جنهن ۾ صرف سياسي موضوع نه پر ثقافت، تهذيب ۽ فيسٽيولن بابت مضمون پڻ شامل ڪيا ويا ڊاڪٽر جعفر چيو ته "ليل و نهار" ۾ اهڙن موضوعن تي به روشني وڌي وئي، جن تي اڳ ڪڏهن به ڳالهه نه ڪئي وئي هئي هن چيو ته اسان هر ثقافت کي اهميت ڏيون ٿا ۽ نئين نسل کي تاريخ ۽ ادب سان روشناس ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي سندس موجب هي ڪتاب 2007 ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان جو مقصد نئين نسل کي تاريخي شعور ڏيڻ آهي تقريب کي خطاب ڪندي محمود شام سڀني مقررن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته جنگ آزادي جي تاريخ سان گڏ ڪراچي پريس ڪلب جي آزاديءَ واري جدوجهد به ياد اچي ٿي هن چيو ته رياستي جبر هر دور ۾ موجود رهيو آهي، پر حقيقي آزادي لاءِ نئين نسل کي شعور ۽ تاريخ کان آگاهه ڪرڻ ضروري آهي محمود شام چيو ته ماضي ۾ مقامي ماڻهن کي علم ۽ تاريخ سان گهري دلچسپي هوندي هئي هن يادون تازيون ڪندي چيو ته هڪ نظم جي معاوضي سان اسين هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين سفر ڪندا هئاسين هن وڌيڪ چيو ته جڏهن مارشل لا نافذ ٿيو ته سڀئي ايڊيٽر گرفتار ڪيا ويا سندس چوڻ موجب مسعود اشعر اردو ادب جو هڪ وڏو نالو آهي تقريب جي پڇاڙي تي شعبي ابلاغِ عامه جي سربراهه عرفان عزيز شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي ته انهن تاريخي موضوعن کي ڪتابن کان ڊجيٽل پليٽ فارمن تائين منتقل ڪيو وڃي، جنهن لاءِ سڀني جي سهڪار جي ضرورت آهي

بقايا *** 32

نگن اکرن موجب، 18 مئي تي ختم ٿيندڙ هفتي ۾ ملڪ ۾ ڪچي تيل جي سراسري روزاني پيداوار 70215 بيرل هئي، جيڪا گذريل هفتي جي ڀيٽ ۾ 1.9 سيڪڙو گهٽ آهي. گذريل هفتي ۾ ملڪ ۾ ڪچي تيل جي سراسري روزاني پيداوار 71552 بيرل رڪارڊ ڪئي وئي هئي. ساڳئي طرح، 18 مئي تي ختم ٿيندڙ هفتي ۾، ملڪ ۾ گئس جي سراسري روزاني پيداوار 3028 ايم ايم سي ايف ڊي رڪارڊ ڪئي وئي، جيڪا گذريل هفتي جي ڀيٽ ۾ 3.2 سيڪڙو گهٽ آهي. گذريل هفتي ۾، ملڪ ۾ گئس جي سراسري روزاني پيداوار 3126 ايم ايم سي ايف ڊي رڪارڊ ڪئي وئي هئي. انگن اکرن موجب، 18 مئي تي ختم ٿيندڙ هفتي ۾، او جي ڊي سي ايل جي ڪچي تيل جي سراسري روزاني پيداوار 36610 بيرل، پي پي ايل 11929 بيرل، پي او ايل 4141 بيرل ۽ ماڙي گيس ڪمپني جي ڪچي تيل جي سراسري روزاني پيداوار 1433 بيرل هئي. انگن اکرن موجب، 18 مئي تي ختم ٿيندڙ هفتي ۾، او جي ڊي سي ايل جي گئس جي سراسري روزاني پيداوار 674 ايم ايم سي ايف ڊي، پي پي ايل 523 ايم ايم سي ايف ڊي، پي او ايل 64 ايم ايم سي ايف ڊي ۽ ماڙي گيس جي گئس جي سراسري روزاني پيداوار 989 ايم ايم سي ايف ڊي رڪارڊ ڪئي وئي.

بقايا *** 33

ورنگي ٽائون انتظاميه کي قرار ڏيندي متاثر گهرڀاتين کي ڏيڍ ڪروڙ روپيه ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو سينئر سول جج جي عدالت ۾ برسات جي دوران اورنگي نالي ۾ ڪري شهري جي فوتگي جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جتي عدالت فيصلو ٻڌائيندي حادثي جو ذميوار ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن اورنگي کي قرار ڏيندي ڪي ايم سي کي آجو قرار ڏئي ڇڏيو عدالت چيو ته جديد ٽيڪنالاجي ۽ موسمياتي مشاهداتي نظام برسات جي مقدار جي صحيح اڳڪٿي ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. لاڳاپيل اختيارين جي نااهلي ۽ ناڪامي آهي ته انهن اڳواٽ قدمن دوران خطرناڪ مين هول کي بند نه ڪيو ٽي ايم سي جي غفلت ۽ لاپرواهي تي ٻڌل رويو انهي فوتگي جو بنيادي ذميوار آهي درخواستگذار جي وڪيل عثمان فاروق ايڊووڪيٽ ٻڌايو ته 2020 ۾ ٿيل تيز برسات ۾ مقتول عارف قريشي گهر واپس اچي رهيو هو ته نالي ۾ ڪري سخت زخمي ٿيو جنهن کان پوءِ هو فوت ٿي ويو وڪيل عثمان فاروق چيو ته انتظاميه جي غفلت ۽ نااهلي سبب نالي جي مناسب سار سنڀال ۽ ڍڪڻ لڳل نه هو ٻئي طرف ٽي ايم سي اورنگي ٽائون موقف اختيار ڪيو ته برسات ۾ سمورا حفاظتي قدم کنيا ويا هئا. درخواستگذار جا الزام غلط آهن ڪيس ٻڌڻ جوڳو نه آهي ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ عدالت ريمارڪس ڏنا ته ٽي ايم سي جي نااهلي سبب مقتول جي قيمتي حياتي ضايع ٿي وئي، ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن اورنگي ٽائون مقتول جي گهرڀاتين کي ڏيڍ ڪروڙ روپيه ادا ڪري.

بقايا *** 34

ڊي ختم ڪرڻ ۽ الڳ رهائشي ميٽر اسڪيم تي پابندي بابت خبرن تي سخت ردعمل ڏيندي چيو آهي ته موجوده حڪمران عوام کي سون جي کاڻ سمجهي مسلسل نپوڙي رهيا آهن ۽ پنهنجي عياشين ۽ شاهه خرچين جو سمورو بار غريب عوام تي وجهي رهيا آهن پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته 200 يونٽ کان گهٽ بجلي استعمال ڪندڙ صارفين کان سبسڊي واپس وٺڻ غريب، مزدور، وچولي ۽ سفيد پوش طبقي سان انتهائي ناانصافي ۽ کلي دشمني جي برابر آهي ملڪ اڳ ئي مهانگائي، بيروزگاري، ڪاروباري بحران، ڊگهي لوڊشيڊنگ ۽ بجلي جي مهانگن بلن سبب ڏکيائين ۾ آهي، پر ان باوجود حڪمران رليف ڏيڻ بدران وڌيڪ ٽيڪس ۽ سرچارج لڳائي رهيا آهن سردار عبدالرحيم چيو ته پروٽيڪٽڊ صارفين اهو طبقو آهي جيڪو محدود آمدني ۾ مشڪل سان گهر جا خرچ هلائي ٿو. جيڪڏهن انهن کان به سبسڊي کسي وئي ته لکين خاندان معاشي تباهي جو شڪار ٿي ويندا هن وڌيڪ چيو ته سيپريٽ ريزيڊينشل ميٽر تي پابندي سان غريب خاندانن جا بجلي بل غير معمولي طور وڌي ويندا ۽ عام ماڻهو لاءِ بجلي جهڙي بنيادي سهولت به استعمال ڪرڻ مشڪل ٿي ويندي بجلي بلن ۾ فڪسڊ ٽيڪس، فيول ايڊجسٽمينٽ ۽ ٻين سرچارجز عوام لاءِ وڏو بار بڻجي چڪا آهن سردار عبدالرحيم وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پروٽيڪٽڊ صارفين جي سبسڊي فوري طور بحال ڪئي وڃي، غير ضروري ٽيڪسز ختم ڪيا وڃن ۽ مهانگائي جي هن طوفان ۾ ڦاٿل عوام کي رليف ڏنو وڃي هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن عوام دشمن فيصلا واپس نه ورتا ويا ته غريب ۽ وچولو طبقو وڌيڪ معاشي استحصال جو شڪار ٿيندو، جنهن جا نتيجا حڪمرانن لاءِ به سٺا نه هوندا

بقايا *** 35

ي اسٽاف ڪالوني ۾ موجود سرڪاري رهائشگاهه، جيڪا ڪمپيوٽر آپريٽر ۽ اسٽينوگرافر عثمان گجر جي نالي تي الاٽ ٿيل آهي، ساڳئي پتي تي وفاقي بورڊ آف روينيو وٽ هڪ نجي ادارو پڻ رجسٽرڊ ٿيل مليو آهي معتبر ذريعن موجب مذڪوره نجي ادارو عثمان گجر جي ڀاءُ نعمان گجر جي نگراني هيٺ هلائي پيو وڃي، جيڪو اسپتال ۾ طبي اوزارن جي مرمت ۽ سار سنڀال واري شعبي سان لاڳاپيل ٻڌايو وڃي ٿو ذريعن وڌيڪ دعويٰ ڪئي آهي ته اداري وٽ لازمي دوا جي لائسنس فارم 6 ۽ فارم 9 موجود ناهن. جڏهن ته اهو ادارو وفاقي بورڊ آف روينيو وٽ طبي اوزارن جي مرمت ۽ سار سنڀال ڪندڙ طور به رجسٽرڊ ناهي اسپتال ذريعن موجب طبي اوزارن جي مرمت ۽ بحالي جا ٺيڪا پڻ ساڳئي اداري کي ڏيڻ جا الزام سامهون آيا آهن هوڏانهن جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر جي انتظاميا جو چوڻ آهي ته کين سرڪاري رهائشگاهه کي نجي اداري جي آفيس طور استعمال ٿيڻ بابت ڪا ڄاڻ نه هئي معاملي بابت رابطو ڪرڻ تي گڏيل انتظامي ڊائريڪٽر جاچ ڪرائي ضروري ڪارروائي ڪرڻ جي خاطري ڪرائي آهي

بقايا عوامي سوچ 01

هٿ ڪيو ويو آهي. تفصيل موجب، ايس ايڇ او ڳاڙهو سب انسپيڪٽر اسد الاهي اعوان کي مليل ڳجهي اطلاع تي پوليس جي وڏي نفري، ليڊيز پوليس ۽ سي آءِ اي ٽنڊو سان گڏجي شهر جي هڪ رهائشي علائقي ۾ قائم گٽڪو ناهڻ جي فيڪٽري تي اچانڪ ڇاپو هنيو. ڇاپي دوران پوليس ڪامياب ڪاروائي ڪندي گٽڪي جي تياريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ جديد مشينون، وڏي مقدار ۾ ردي، سوپاري، ڪيميڪل ۽ ٻيو ممنوع متيريل پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. ڪاروائيءَ دوران پوليس فيڪٽري جي آسپاس موجود گهرن جو پڻ تفصيلي سرچ آپريشن ڪيو ويو. پوليس چڙهائيءَ دوران فيڪٽري جو مالڪ منشيات فروش احمد عرف ڪاسائي ميمڻ موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، جڏهن ته پوليس سندس سڃاڻپ ڪندڙ سڳي ڀاءُ کي موقعي تي حراست ۾ وٺي ڇڏيو. ان کان علاوه، آپريشن دوران غير قانوني پستل رکڻ جي ڏوهه ۾ هڪ جوابدار منير احمد ميمڻ کي پڻ گرفتار ڪري مٿس ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي پريس ڪلب ڳاڙهو جي صحافين جي موجودگي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ايڇ او اسد الاهي اعوان چيو ته آءِ جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٺٽو پاران منشيات جي مڪمل خاتمي لاءِ سخت ترين حڪمن ڪانپوءِ ضلعي ۾ ڪريڪ ڊائون تيز ڪيو ويو آهي. هن چيو ته اسان کي شهر ۾ هن وڏي نيٽ ورڪ بابت اطلاع مليو هو، جنهن تي هڪ مڪمل پلاننگ تحت ڪاروائي ڪري هن لعنت کي پاڙان پٽيو ويو آهي. ايس ايڇ او جو وڌيڪ چوڻ هو ته منشيات اسان جي نسل کي تباهه ڪري رهي آهي، ان ڪري منشيات فروشن ۽ سماج دشمن عنصرن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي. هن عزم جو اظهار ڪيو ته فرار ٿيل مک جوابدار احمد ڪاسائي کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ بيهاريو ويندو ۽ شهر کي امن ۽ منشيات کان پاڪ ڪرڻ تائين ڪاروايون اٽر رهنديون

بقايا عوامي سوچ 02

تان ۽ گهرن جي لوڙهي کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي قبرستان سميت گهرن جي زمين تي قبضي جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، هن چيو ته قبضي کان روڪڻ تي نور نبي جويو، حفيظ جويو، غلام مصطفيٰ جويو، منظور جويو، عيسيٰ جويو، پيارو جويو ۽ ٻيا ساٿس دشمني تي لهي آيا آهن، جيڪي مختلف هنڌن تي سندس خلاف ڪوڙيون درخواستون ڏئي ڪيس خاموش ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اعجاز جويو موجب جوابدار هٿيار ڪٽي مٿس چڙهائي ڪرڻ لاءِ آيا، جنهن بعد هن ڀڄي پنهنجي جان بچائي، جڏهن ته جوابدار سندس چار قيمتي وڻ پڻ وڍي ڇڏيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته جڏهن به هو ڳوٺ وڃن ٿا ته مخالف کين هراسان ڪن ٿا ۽ قتل جون ڌمڪيون ڏين ٿا، جڏهن ته معاملي جي نبير لاءِ ڪنهن به نيڪ مرد وٽ اچڻ لاءِ تيار ناهن. سندس چوڻ هو ته قبرستان ۽ گهرن جي زمين تي قبضي خلاف راڌڻ ٿاڻي جي ايس ايڇ او، ڊي ايس پي ميهڙ ۽ ڪمپلين سيل کي پڻ درخواستون ڏنيون آهن، پر اڃا تائين ڪا به ڪاروائي عمل ۾ نه آندي وئي آهي. اعجاز جويو الزام هنيو ته راڌڻ پوليس بااثر قبضا گروپ خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران خاموش تماشائي بڻيل آهي، جنهن سبب هو انصاف لاءِ دادو پريس ڪلب پهتو آهي. هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ۽ ڊپٽي ڪمشنر دادو کان مطالبو ڪيو ته قبرستان ۽ گهرن جي زمين تي قبضي ڪندڙ بااثرن خلاف فوري قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس ۽ سندس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، هن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ڪيس انصاف ۽ تحفظ فراهم نه ڪيو ويو ته هو 10 محرم الحرام تي ايس ايس پي دادو آفيس آڏو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي احتجاج ڪندو.

بقايا عوامي سوچ 03

ڪارڪنن جي پارٽي ۾ شموليت جي سلسلي ۾ استقباليه تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ اڪبر شر، عبدالرزاق مري، شهزاد لغاري، شهزيب مري، نذير ڪيريو سميت وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ نون ڪارڪنن کي گلن جا هار پارايا ويا تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ ترقي پسند پارٽي هميشه سنڌ ۽ سنڌ واسين جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪئي آهي هنن چيو ته ان جدوجهد دوران پارٽي جا ڪيترائي ڪارڪن شهيد به ٿيا، پر پارٽي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جي قيادت ۾ ڪارڪنن جا حوصلا بلند آهن ۽ حالتون ڪهڙيون به هجن، سنڌن جدوجهد جاري رهندي

بقايا عوامي سوچ 04

ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو، بعد ۾ دادو پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي هنن الزام هنيو ته ڳوٺ جي بااثرن چيئرمين فهد لغاري، امير فيصل لغاري، چاهت لغاري، جهانگير ۽ بشارت لغاري هٿيارن جي زور تي سنڌن قرباني جا 400 کان وڌيڪ ٻڪرا ۽ قيمتي ٻڪريون زبردستي ڌاڙو هڻي ڪٽي ويا آهن هنن چيو ته واقعي جي اين سي رپورٽ ڊرگه بالا ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي آهي، جڏهن ته بااثرن 15 ڇيلا، 5 گهٽا ۽ 2 ڳابا قرباني جا پڻ گم ڪري ڇڏيا آهن. مظاهرين الزام هنيو ته سنڌن نيڪ مرد مير بيگ مري کي هٿيارن جي زور تي روڪي ڪانئس 50 هزار رپيا روڪ رقم ۽ ٻيو سامان پڻ ڦر ڪيو ويو آهي، پريس ڪانفرنس دوران هنن چيو ته پهرين ڏينهن کان ڊرگه بالا پوليس جوابدارن جي ڌر بڻيل آهي، جنهن سبب هو سخت پريشان آهن، جڏهن ته مخالف ڌر بااثر هجڻ ڪري کين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏئي رهي آهي، هنن الزام هنيو ته بااثرن خلاف پوليس ايف آءِ آر داخل نه ٿي ڪري مظاهرين سيشن جج دادو، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ۽ مري برادري جي سردار درياهه خان مري کان مطالبو ڪيو ته گم ڪيل چوپايو مال ۽ مير بيگ مري کان ڦر ڪيل 50 هزار رپيا واپس ڪرائي ڊرگه بالا پوليس خلاف قانوني ڪارروائي ڪري کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي،

بقايا عوامي سوچ 05

کي مختلف بيمارين کان محفوظ رکڻ، احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ ۽ اسپتالن ۾ صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ ڪمشنر ميرپورخاص سبهاش چندر، ڊائريڪٽر جنرل صحت ڊاڪٽر وقار ميمڻ، ڊاڪٽر سيد آصف علي شاهه، ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري، ميئر عبدالروف غوري، ايس ايس پي سيد فدا حسين شاهه، ڊائريڪٽر هيلٿ ڊاڪٽر عبدالشڪور جروار، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر سنديپ ڪمار، ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ جي صحت آفيسرن، پي پي ايڇ آءِ جي ضلعي مينيجرن، مختلف تعلقن جي اسپتالن جي ايم ايس ۽ ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو ته سنڌ حڪومت عوام کي بهتر صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پُرعزم آهي هن چيو ته صحتمند رهڻ ۽ بيمارين کان بچاءَ لاءِ ننڍين ننڍين احتياطي تدبيرن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي هن اسپتالن ۾ صفائي سترائي ۽ بنيادي احتياطي اپائن کي يقيني بڻائڻ جي پڻ هدايت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 06

نيٽ ورڪ بي نقاب ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان نيٽ ورڪ تي الزام آهي ته اهو جعلي ڪاتن، سرڪاري رڪارڊ ۾ ردوبدل، بينامي ملڪيتن ۽ جعلي دستاويزن ذريعي شهرين ۽ سرڪاري زمينن تي قبضا ۽ وڪرو ڪرڻ ۾ ملوث رهيو آهي امتياز برفت موجب هن مبينا نيٽ ورڪ کي ڊي سي آفيس جي پي اي خالد جي سرپرستي حاصل هئي، جڏهن ته مختلف مختيارڪار، تپيدار، اسٽامپ وينڊر ۽ خانگي ماڻهو به ان ۾ شامل هئا سندس بيان موجب مختيارڪار زهيب ميمڻ، راشد ميو، قيوم لغاري، تپيدار الطاف پنهور، راجا تپيدار، اوم تپيدار ۽ ڪيلاش تپيدار هن گينگ جا اهم ڪردار هئا هن الزام هنيو ته حسين بخش مري تعلقي جو اسسٽنٽ ڪمشنر سعود بن منعم پڻ هن نيٽ ورڪ جو حصو هو، جتي سرڪٽ هائوس ۾ رڪارڊ گهرائي ان ۾ ردوبدل ڪئي ويندي هئي وڌيڪ دعويٰ ڪئي وئي ته جعلي سيل ڊيڊ ۽ پراڻين تاريخن وارا ڪاغذ مخصوص اسٽامپ وينڊرن کان تيار ڪرائي ملڪيتون مختلف ماڻهن جي نالن تي منتقل ڪيون وينديون هيون امتياز برفت موجب هن نيٽ ورڪ ذريعي بينامي ملڪيتن ۽ بليڪ مني کي مختلف ماڻهن جي نالن تي منتقل ڪري بعد ۾ مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪيو ويندو هو هن ڪيترن ئي خانگي ماڻهن جا نالا پڻ ظاهر ڪيا، جن تي جعلي ڪاتن ۽ ملڪيتن جي خريد ۽ وڪري ۾ سهولتڪاري جا الزام آهن بيان ۾ واپاري جنيد خٽڪ جي 22 ايڪڙ زمين جو معاملو به سامهون آيو، جتي مبينا طور جعلي ڪاتا ناهي زمين منتقل ڪئي وئي ۽ بعد ۾ اصل مالڪ کان رقم وٺي رڪارڊ ٻيهر درست ڪيو ويو امتياز برفت جي اعترافي بيان ڪانپوءِ اينٽي ڪرپشن اختيارين جاچ جو دائرو وڌائي ڇڏيو آهي، جڏهن ته ذريعن موجب وڌيڪ گرفتاريون ۽ اهم انڪشافات متوقع آهن البت نامزد آفيسرن ۽ ماڻهن طرفان هن وقت تائين انهن الزامن تي ڪو باضابطا موقف سامهون ناهي آيو

بقايا عوامي سوچ 07

ڪم جو بائيڪاٽ ڪندي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون ۽ واقعي خلاف سخت نعريبازي ڪئي احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ٽريزري ويلفيئر ايسوسيئيشن سنڌ جي وائيس چيئرمين نور نواز زرداري ۽ صوبائي صدر ذوالفقار بلوچ ڪئي ان موقعي تي مقررن سخت ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته سرڪاري آفيسن تي حملا ۽ ملازمن تي تشدد ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو هنن چيو ته ٺٽو ٽريزري آفيس تي حملو دراصل سرڪاري ادارن جي رٽ کي چئلينج ڪرڻ جي برابر آهي، جنهن سبب سڄي ٽريزري عملي ۾ بيچيني ۽ خوف واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي اڳواڻن حڪومت سنڌ ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته حملي ۾ ملوث عنصرن کي فوري طور گرفتار ڪري سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو سڄي سنڌ تائين وڌايو ويندو هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ملازمن جي تحفظ کي يقيني نه بڻايو ويو ته ٽريزري آفيسن ۾ ڪم بند ڪرڻ سميت وڌيڪ سخت احتجاجي قدم کنيا ويندا احتجاج دوران مظاهرين چيو ته سرڪاري ملازم پنهنجين جانين کي خطري ۾ وجهي فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن، پر کين تحفظ فراهم ڪرڻ بدران ڪليل عام تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي، جيڪو انتهائي افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو عمل آهي

بقايا عوامي سوچ 08

لر موجب ضلعي ٺٽي جي مختلف علائقن ۾ لاڳاپيل ادارن کان اڳوات اجازت ۽ اين او سي حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ چارديواري جي تعمير جون اطلاع ملي رهيون هيون، جيڪي قانونن ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي آهن سرڪيولر ۾ چيو ويو آهي ته اهڙين غير مجاز تعميرات سبب امن امان جي صورتحال، تجاوزات ۽ ملڪيت ۽ قبضي سان لاڳاپيل تڪرار پيدا ٿي سگهن ٿا ڊپٽي ڪمشنر هدايت ڪئي آهي ته ڪو به فرد، ادارو، هائوسنگ اسڪيم يا تنظيم لاڳاپيل کاتن کان اڳوات منظوري ۽ سمورا قانوني گهرج پوري ڪرڻ ڪانسواءِ ضلعي ٺٽي جي حدن اندر ڪنهن به قسم جي چارديواري تعمير نه ڪندي ان سلسلي ۾ سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن، مختيارڪارن، ٽائون آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کي حڪمن تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، جڏهن ته غير قانوني يا غير مجاز اين او سي ۽ اجازت نامن کي فوري طور رد ڪرڻ جو به حڪم ڏنو ويو آهي ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي پاڳت جو چوڻ آهي ته ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن پاران جاري ڪيل اين او سيز کي غير قانوني تصور ڪيو ويندو، جيستائين انهن جي تصديق ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کان نه ڪئي وڃي سرڪيولر موجب اهي حڪم فوري طور لاڳو هوندا ۽ لاڳاپيل ادارا عملدرآمد بابت رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ جمع ڪرائيندا

بقايا عوامي سوچ 09

احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ رٽائرڊ استاد عطا حسين چاڪراڻي، نويد حسين، محمد صادق، معشوق علي خاصخيلي ۽ ٻين شرڪت ڪئي مظاهرين الزام هنيو ته علي رضا چاڪراڻي ۽ فدا شر نالي جوابدار کين فون ذريعي 30 لک رپيا ڀتو طلب ڪري رهيا آهن ۽ رقم نه ڏيڻ جي صورت ۾ سخت نتيجن جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن رٽائرڊ استاد عطا حسين چاڪراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جوابدارن خلاف اڳ ئي پوليس کي شڪايتون ڏنيون ويون، پر ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ٿي هن الزام هنيو ته پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بعد مبينا طور رشوت وٺي آزاد ڪري ڇڏيو، جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙيل آهي مظاهرين جو چوڻ هو ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ به پوليس کين کان رقم ورتي، پر ان باوجود انصاف فراهم نه ڪيو ويو هنن خيرپور پوليس ۽ ايس ايس پي خيرپور کان فوري نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۽ متاثر خاندانن کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا عوامي سوچ 10

گهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ شهرين کان عيد جون خوشيون کسي ورتيون ، شاهبندر جي مک مرڪزي شهر چوهڙجمالي ۾ عيد خريداري نه هجڻ ڪري واپاري پريشان ، لکين روپين جو مال ڪٽي دڪان پريندڙ واپاري اوٻاسيون ڏيڻ لڳس خبر موجب : ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ پيٽرول ، ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ جا اثرات ڪاروبار تي پوڻ ڪري ڪاروبار ٺپ ٿي ويو ، بڪ ، بيروزگاري ۽ مهانگائي هتان جي رهواسين کان عيد جون خوشيون کسي ورتيون ، لکين روپين جو قرض تي مال کڻندڙ واپاري مارڪيٽ ۾ ٻاڙائي سبب سخت پريشاني جو شڪار آهن ، ان حوالي سان چوهڙجمالي شهر جي ڪپڙي ، جنرل اسٽور ، ريڊيمنٽ شاپ ، شوز اسٽور ۽ ٻين واپارين جو چوڻ هو ته اڳين سال جي ڀيٽ ۾ هن سال ڪاروبار بلڪل ختم آهي ، لکين روپين جو ڪاروبار ڪندڙ واپاري هن عيد واري ڏهاڙن ۾ هزارن جي ڪيش ڪن ٿا ، هزارين روپيه واپار ڪندڙ واپاري هن وقت خرچ به نٿا ڪڍي سگهن ، عيد جي آسري لکين روپين جو مال ڪٽي دڪان ڀريا آهن پر گراهڪ نه هجڻ ڪري واپاري اوٻاسيون ڏئي ٽائيم پاس ڪن پيا ، شهر جي مين روڊ جي واپارين جو چوڻ هو ته هڪ طرف مهانگائي سبب ڪاروبار ٺپ آهي ته ٻئي پاسي شهر جي مين روڊ جو ڪم گذريل ٽن سالن ۾ به مڪمل نه ٿي سگهيو آهي ، روڊ جو ڪم هلندڙ هجڻ ڪري گاڏيون شهر ۾ نٿيون اچن ۽ جنهن ڪري آس پاس جا رهواسي ٻاءِ پاس تان ئي خريداري ڪري واپس هليا ٿا وڃن ، روڊ جي ڪم سبب واپار سخت متاثر ٿي رهيو آهي .

بقايا عوامي سوچ 11

ل بيان ۾ چيو ويو آهي ته ضلعي ٺٽي ۾ منشيات خلاف اثرائتي ڪارروايون ڪرڻ، عوامي آگاهي پروگرام منعقد ڪرائڻ ۽ پوليس کاتي ۾ شامل ڪاري رڍن خلاف بنا فرق ڪارروائي ڪرڻ تي ايس ايس پي ٺٽو کي انٽرنيشنل صحافتي تنظيم پاڪستان جرنلسٽ ايسوسيئيشن طرفان تعارفي شيلڊ لاءِ نامزد ٿيڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪجي ٿي بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته هي نامزدگي تنظيم جي اعزازي ڪوآرڊينيٽر سنڌ جي سفارش تي عمل ۾ آندي وئي، جنهن تي تنظيم سنڌن خدمتن کي پڻ ساراهيندي آهي هنن چيو ته جيتوڻيڪ سڄي سنڌ ۾ منشيات خلاف مختلف نوعيت جون ڪارروايون جاري آهن، پر ضلعي ٺٽو هڪ اهڙو علائقو رهيو آهي جتي ڪيترن ئي سالن کان آئس، گٽڪو ۽ ٻين منشيات جو ڪاروبار سرعام جاري رهيو، جنهن سبب نوجوان نسل تباهي جي ڪناري تي پهچي رهي هئي اهڙين ڏکين حالتن ۾ ايس ايس پي ٺٽو ساجد امير سدوزئي تمام گهٽ عرصي ۾ نه رڳو منشيات فروشن خلاف ڀرپور ڪارروايون ڪيون، پر انهن اهلڪارن خلاف به سخت قدم کنيا جيڪي هن ڪڌي ڌنڌي ۾ ملوث هئا اهو اهڙو عمل آهي جنهن جي ماضي ۾ تمام گهٽ مثال ملي ٿي مرڪزي چيئرمين ميان اشتياق علي چيو ته هڪ فرض شناس، ايماندار ۽ عوام دوست پوليس آفيسر ئي سماج ۾ مثبت تبديلي آڻي سگهي ٿو ۽ ايس ايس پي ٺٽو پنهنجي عملي قدمن سان اهو ثابت ڪيو آهي ته جيڪڏهن نيت صاف هجي ته ڏوهن جي خاتمي ۽ عوامي اعتماد جي بحالي ممڪن بڻجي سگهي ٿي هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جرنلسٽ ايسوسيئيشن هميشه انهن آفيسرن ۽ شخصيتن جي همت افزائي ڪندي رهندي جيڪي عوامي خدمت، قانون جي بالادستي انسانيت جي خدمت ۽ سماج کي منشيات جهڙي لعنت کان پاڪ ڪرڻ لاءِ عملي ڪردار ادا ڪن ٿا تنظيم پاران ايس ايس پي ٺٽو لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي اميد ظاهر ڪئي وئي ته هو مستقبل ۾ به ساڳئي جذبي، ايمانداري ۽ بهادري سان پنهنجون ذميواريون نڀائيندا رهندا

بقايا عوامي سوچ 12

۽ غيرقانوني ڪنيڪشنن خلاف جاري آپريشن جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي هن ميٽرن جي سيڪيورنگ، بجليءَ جي ٿنين تي محفوظ تنصيب ۽ بجليءَ جي نظام جي بهتري لاءِ جاري ڪمن جو پڻ معائنو ڪيو دوري دوران ايڪسيئن پاران بجلي چوري، ناجائز ڪنيڪشنن ۽ بقايا ادا نه ڪندڙ صارفين خلاف جاري ڪارروائين تي اطمينان جو اظهار ڪندي لاڳاپيل عملي کي هدايت ڪئي ته آپريشن کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي ان موقعي تي حيسڪو نئون ڪوٽ جو ايس ڊي او نعيم الدين، لائين سپرنٽنڊنٽ زبير احمد، اڳوڻو لائين مين ۽ مزدور يونين اڳواڻ صابر اقبال خٽڪ پڻ ساڻس گڏ موجود هئا ميڊيا سان ڳالهائيندي ايڪسيئن ظفر علي سولنگي چيو ته حيسڪو چيف جي واضح هدايتن موجب لوڊشيڊنگ کان آجا فيڊرن جي فهرست ۾ شامل نئون ڪوٽ کي 18 جون تائين مڪمل طور لوڊشيڊنگ کان پاڪ بڻايو ويندو هن وڌيڪ چيو ته بجلي چوري جي خاتمي، غيرقانوني ڪنيڪشنن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ۽ بجليءَ جي نظام جي سڌاري لاءِ آپريشن جاري رکيو ويندو، جيئن شهرين کي بهتر ۽ بنا رڪاوٽ بجليءَ جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 13

انتظامن جي حوالي سان اڄ هڪ گڏجاڻي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت ۾ سندس آفيس ۾ ٿي. گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر پوليس کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته عيد نماز جي اجتماعن دوران ماڻهن جي تحفظ توڙي امن امان کي برقرار رکڻ لاءِ فل سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا وڃن ۽ شرپسند عناصر تي ڪڙي نظر رکي وڃي. هن صحت کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته اهي اسپتالن ۾ هاءِ الرٽ رکن ته جيئن ڪنهن به بيماري يا امڪاني هنگامي حالتن کي بروقت منهن ڏيئي سگهجي. هن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته اهي پنهنجن پنهنجن تعلقن ۾ صفائي سترائي سميت عيد سان لاڳاپيل ٻين مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ کي يقيني بڻائين. هن لائيواسٽاڪ کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته اهي قرباني جي جانورن جي قرباني کان اڳ ضروري چڪاس کي يقيني بڻائين ته جيئن ماڻهو بيمارين کان پاڪ جانور قربان ڪن. هن ٽائون آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهي عيد دوران پنهنجو ڪانٽيجنسي پلان تيار ڪن ۽ قرباني بعد قرباني جي جانورن جي گند ڪچري کي جلد نيڪال ڪرڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن جڏهن ته صفائي واري عملي جي موڪلن کي رد ڪري ضلعي جي سٽن ئي تعلقن ۾ صفائي سترائي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ڀرپور اپاءَ ورتا وڃن ته جيئن پلاري ڏينهن دوران عوام کي ڪا به تڪليف نه ٿي. هن ٽائون آفيسرن کي اها به هدايت ڪئي ته اسٽريٽ لائيٽ جي نظام کي درست رکيو وڃي جڏهن ته پنهنجي آفيسن ۾ شڪايتي سيل قائم ڪن ته جيئن عوام جي شڪايتن ۽ مسئلن کي فوري طور حل ڪري سگهجي. هن حيسڪو عملدارن کي هدايت ڪئي ته اهي پنهنجي نظام جي درستگي رکن ۽ ڪنهن فني خرابي کي ترت حل ڪن جڏهن عيد جي ڏهاڙن ۾ لوڊ شيڊنگ نه ڪن، هن عوام کي اپيل ڪئي ته اهي قرباني جي جانورن جا آنڊا ۽ اوجهري سميت ٻيو ڪچرو نيڪال جي نالين يا گذرگاهن تي اڇلڻ بدران ڪنهن مناسب هنڌ تي اڇلائين ته جيئن شهرن ۾ صفائي سترائي کي يقيني بنائي عوام کي پلاري ڏينهن ۾ صاف سترو ماحول مهيا ڪري سگهجي. گڏجاڻي ۾ ضلعي جي مڙني سرڪاري کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 14

اٽي پنهنجي دفتر ۾ ٺٽو ڪراچي ۽ سڄاول کان آيل معزز شخصيتن، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ مختلف وفدن سان ملاقاتون ڪيون ملاقات دوران مختلف وفدن پاران علائقي جي درپيش مختلف مسئلن ترقياتي ڪمن، روزگار، صحت، تعليم فشريز ۽ لائيواسٽاڪ سان لاڳاپيل معاملن بابت آگاهه ڪيو ويو رئيس محمد علي ملڪاڻي سمورن ماڻهن جا مسئلا غور سان ٻڌا ۽ لاڳاپيل عملدارن کي ترت حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي ۽ عوام جي مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن هن چيو ته سڄاول، ٺٽو سميت ساموندي پٽي جي علائقن جي ترقي، نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ملاقات لاءِ آيل وفدن صوبائي وزير جي عوام دوست پاليسين کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته سنڌن جائز مسئلا جلد حل ڪيا ويندا

بقايا عوامي سوچ 15

خبر موجب ٽنڊوالهيار جي فرسٽ ايڊيشنل اينڊ سيشن جج محمد عباس سيال جي عدالت ۾ قتل ڪيس نمبر 362/2024 ۾ جوابدار سمير مڪراني بلوچ تي مضبوط دليلن بعد قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪيس عمر قيد ۽ 10 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي جوابدار 2 سال اڳ سمير مڪراني نوجوان ارشاد بلوچ کي ڇُرين جا وار ڪري قتل ڪيو هو جڏهن ته ڪيس قلم 302 پي پي سي تحت ٿاڻو اي سيڪشن ٽنڊوالهيار ۾ قتل ٿي ويل ارشاد بلوچ جي والد دل مراد بلوچ جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو هو عدالت جوابدار کي سزا ٻڌائڻ بعد سينٽرل جيل منتقل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا عوامي سوچ 16

ويو نينگر بشير احمد ولد يوسف ڪوسو ٽي ڏينهن اڳ چوهڙ جمالي ۾ درزي کي عيد جي ڪپڙن جي ناپ ڏيڻ جو چئي ويو هو جيڪو گهر نه موٽيو سندس وارثن رات تائين نه موٽڻ تي رشتيدارن دوستن ۽ آس پاس ۾ ڳهٽي ڳولا به ڪئي آهي پران جو ڪوبه ڏس پتو نه پيو آهي جنهن ڪري نينگر جا گهرڀاتي سخت پريشان ٿي ويا آهن ۽ گهر ۾ روڄ راڙو متل آهي ٻئي طرف نينگر جي وارثن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي سڄاول کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته نينگر جي ڳولا ۾ مدد ڪري گهرڀاتين جي بيچيني ۽ پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 17

سانگهڙ پهچي احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو دانهون ڪيون متاثرين دائود، ميسح، شيري مسيح، هارون مسيح ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته سنڌن گهر اڳيان حڪومت پاران پيور بلاڪ روڊ تعمير ڪيو ويو آهي، جتي هو مالوند ماڻهو هجڻ ڪري پنهنجا مال مويشي ٻڌندا رهيا آهن، جنهن معاملي تان پاڙيسري رحمت عرف ببلو ناراض ٿي پيو ۽ مبينا طور پوليس کي گهرائي کين حراسان ڪرايو متاثرين جو چوڻ هو ته پوليس بنا ڪنهن جواز جي سنڌن گهرن ۾ داخل ٿي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪيو، جڏهن ته گهر ۾ موجود نوجوانن کي گرفتار ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو هنن الزام هنيو ته بااثر رحمت عرف ببلو ٺهيل پيور بلاڪ روڊ به پٽي ڇڏيو، جنهن سبب کين وڌيڪ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته رحمت عرف ببلو مسلسل کين موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون به ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، جنهن ڪري سڄو خاندان خوف ۽ هراس ۾ مبتلا آهي متاثرين اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي کين تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ مبينا طور ظلم ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 18

م هنيو ته سندس گهرواري مراد خاتون کي نصرالله چتو، الله بخش چتو ۽ پيي عرف حيات چتو مبينا اغوا ڪري پئسن عيوض وڪرو ڪري ٽنڊو آدم چتا موري ۾ هڪ پيرسن سان نڪاح مٿان نڪاح ڪرائي ڇڏيو آهي مون پنهنجي گهرواري کي طلاق ناهي ڏنو گهر واري کي هڪ چڪر سامهون آندو وڃي جي گڏ رهڻ نٿي چاهي ته طلاق ڏئي ڇڏيندس. ان وڌيڪ چيو ته مون سان ۽ منهنجي معصوم ٻار سان ظلم ڪيو ويو آهي مون علائقي جي معززين سميت سيني کي دانهون ڏنيون آهن پر ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي جي منهنجي گهرواري کي مون سان نه ملايو ويو ته عيد کان پهرين پنهنجي پاڻ کي معصوم پٽ سميت باهه ڏئي ساڙيندس جنهن جو ذميوار نصرالله چتو. پپن عرف حيات چتو. الله بخش چتو هوندا

بقايا عوامي سوچ 19

ناهن ملڪ چانڊيو. اصغر پاتٽي. شهيد قاسم چانڊيو جي قرباني سنڌ جي قومي جدوجهد جو هڪ اهم باب آهي سندس نالو هميشه انهن دلين ۾ زنده رهندو .اڳواڻن جون ڳالهيون اسان جو فرض آهي ته شهيدن جي فڪر، جدوجهد ۽ قربانين کي ياد رکون، چو ته جيڪي قومون پنهنجن شهيدن کي وساري ڇڏينديون آهن، اهي پنهنجي سڃاڻپ به وڃائي ويهنديون آهن تفصيل شهيد محمد قاسم چانڊيو جي 13 هين ورسي جي موقعي تي جوهر ڪمپليڪس ۾ تصوير اڳيان گلاب جا گل رکي ڏيئا ٻاري سندس پيتا پيش ڪئي وئي. ورسي جي موقعي تي سنڌ چانڊيا ويلفيئر ايسوسيئيشن جي چيئرمين حاجي عبدالملڪ خان چانڊيو ويسٽ پريس ڪلب جي صدر اصغر علي پاتٽي. سماجي اڳواڻ امام بخش سامتيو. شهيد محمد قاسم چانڊيو جي فرزند صحافي منصور چانڊيو. سماجي اڳواڻ ڪامريڊ سعيد احمد ملهڻ. پ پ اڳواڻ حاڪم علي چانڊيو. رئيس سرتاج چانڊيو. سينئر ڪومي ڪارڪن مجيب احمد ڪهاوڙ. مدثر چانڊيو. ڏٽي بخش چانڊيو. صالح چانڊيو. ياسين چانڊيو انجنئر معظم زئور . رجب چانڊيو شرف الدن ابڙو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 20

شعور پيدا ڪرڻ هو ان موقعي تي ڪارڊيالوجسٽ ڊاڪٽر ارشد علي خواجا تقريب ۾ موجود شرڪاءَ جو بلڊ پريشر چيڪ ڪيو ۽ هاءِ بلڊ پريشر کان بچاءَ بابت تفصيلي آگاهي فراهم ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر ارشد علي خواجا چيو ته هاءِ بلڊ پريشر هڪ خاموش بيماري آهي، جيڪا بظاهر علامتن کانسواءِ انساني صحت کي سخت نقصان پهچائي سگهي ٿي هن چيو ته غير متوازن خوراڪ، ذهني دٻاءُ، سگريٽ نوشي ۽ جسماني سرگرمين جي کوٽ هن بيماري جا اهم سبب آهن، تنهنڪري عوام کي گهرجي ته هو باقاعدگي سان پنهنجو بلڊ پريشر چيڪ ڪرائين ۽ صحتمند طرز زندگي اختيار ڪن تقريب کي خطاب ڪندي ميڊيڪل ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر سلمان امتياز چيو ته ورلڊ هائپر ٽينشن ڊي ملهائڻ جو مقصد عوام کي هن بيماري جي سنگيني بابت آگاهي ڏيڻ آهي ته جيئن دل جي بيمارين، فالج ۽ گردن جي بيمارين جهڙن خطرناڪ مسئلن کان بچاءُ ممڪن بڻائي سگهجي هن چيو ته احتياط، متوازن خوراڪ، ورزش ۽ وقت سر طبي معائنو صحتمند زندگي لاءِ انتهائي ضروري آهن تقريب کي ڊاڪٽر شاهنواز ڪريم مزاري، ڊاڪٽر سيما ظفر، ڊاڪٽر امتياز احمد ۽ ڊاڪٽر سنجي ڪمار پڻ خطاب ڪيو ۽ هاءِ بلڊ پريشر بابت آگاهي فراهم ڪئي تقريب جي آخر ۾ آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ سينيئر فيڪلٽي ميمبرز، ڊاڪٽرن، نرسنگ اسٽاف ۽ ٻين ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي واڪ جي شرڪاءَ عوام ۾ صحتمند طرزِ زندگي اختيار ڪرڻ ۽ بلڊ پريشر جي باقاعده جاچ بابت شعور اجاگر ڪيو

بقايا عوامي سوچ 21

د پرفيسر ڊاڪٽر غلام مرتضي! ڏاريجو گڙدن جي تڪليف سبب لمس اسپتال ۾ وفات ڪري ويو آهي سندس مڙهه اسپتال کان سندس رهائشگاهه سنڌ يونيورسٽي هائوسنگ سوسائٽي فيزون لڳ سنڌ بئنڪ منتقل ڪيو ويو آهي اهڙي ڏک جي سڌ پوڻ تي ڄامشورو ۾ ڏک جي لهر ڇائينجي وئي آهي ڄامشورو جون سياسي سماجي تنظيمون سنڌ يونيورسٽي جي استاد آفيسر ملازمن جو تڏي تي پهچڻ جو سلسلو جاري آهي ان حوالي سان رابطو ڪرڻ تي مرحوم غلام مرتضي! ڏاريجو جي پٽ زاهد مرتضي! ڏاريجو جو چوڻ هو بابا گڙدن جي عارضي سبب لمس اسپتال ۾ داخل هو جيڪو اڄ وفات ڪري ويو آهي جنازي نماز جو بعد ۾ ٻڌايو ويندو باقي تدفين سنڌ يونيورسٽي قبرستان ۾ ٿيندي هوڏانهن ڄامشورو جي سڄاڻ ذرين طرفان ڏک جو اظهار ڪجي ٿو

بقايا عوامي سوچ 22

جي لاڙڪ محلي مان نامعلوم چور سماجي تنظيم سڄاڳ فورم جي آفيس سميت مختلف هنڌن تان چار چورين جون وارداتون ڪري ويا ان ڏس ۾ نامعلوم چور سڄاڳ فورم جي آفيس جا تالا ٽوڙي آفيس مان ڇت پکو بيٽري سولر پليٽ ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ويا ٻئي واردات ۾ اسلم پنجابي جي دڪان جي ڏاکڻ تان چڙهي سندس دڪان مان هزارين رپين جو آرميچر ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري ويا ٽئين ۽ چوٿين واردات ۾ چور حيدر لاڙڪ ۽ نويد لاڙڪ جي گهرن جي ڀتين مٿان چڙهي سندن ڪتن جي مٿان رکيل ٽي موبائل فونون چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن جنهن کان پوءِ چوري متاثرين پاران احمدپور ٿاڻي تي نامعلوم چورن خلاف الڳ الڳ اين سي پڻ داخل ڪرائي وئي آهي،

بقايا عوامي سوچ 23

سليم سنجراڻي، انسپيڪٽر جنرل ٽريزرين اينڊ اڪائونٽس جي ٽيم سان گڏ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ٺٽو جو دورو ڪيو دوري دوران هن ڪجهه ڏينهن اڳ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ۾ شرپسند عنصرن پاران عملي تي تشدد ۽ حملي واري واقعي جا تفصيل معلوم ڪيا ان موقعي تي هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت جاري ڪئي ته ٽريزري آفيس ۾ لاڳاپيل ڪاتن جي فوڪل پرسنز کانسواءِ ڪنهن به غير لاڳاپيل فرد کي داخلا جي اجازت نه ڏني وڃي ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل عملي جي سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ مؤثر قدم کڻڻ ۽ مناسب سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ جي پڻ خاطري ڪرائي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر ڏٽي بخش جهيجو، اڪائونٽس آفيسر افضل احمد چانڊيو، گل مري، مير عبدالرزاق تراب، اعجاز، آفتاب ميمڻ سميت ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا بعد ۾ مريم سليم سنجراڻي ايس ايس پي ساجد امير سدوزئي ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳت سان ملاقات ڪئي، جتي واقعي جي تفصيلن، امن امان جي صورتحال ۽ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس جي سيڪيورٽي بابت معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

بقايا عوامي سوچ 24

رڻ سان گڏ مفت صلاحون پڻ ڏنيون ويون ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقيوم ميمڻ جنهن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقيوم ميمڻ خصوصي شرڪت ڪئي پروگرام ۾ ذوالفقار علي پيتو رابطا ڪميٽي اڳواڻ الطاف حسين پيتي رضاڪارن ، علي شير پارونجو، نظر ڪيريو، اياز بروهي، علي ميراڻي ۽ سلمان ڪيريو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪيمپ قائم ڪرڻ جو مقصد نوابشاهه جي عوام ۾ ايڇ آءِ وي جهڙي موذي مرض بابت شعور پيدا ڪرڻ آهي ته جيئن ماڻهو بروقت احتياطي تدبيرون اختيار ڪري سگهن هنن چيو ته ايڇ آءِ وي کان بچڻ لاءِ وقت سر ٽيسٽ ڪرائڻ انتهائي ضروري آهي، چو ته شروعاتي مرحلي ۾ مرض جي سڃاڻپ ٿيڻ سان مريض جو علاج آساني سان ممڪن بڻجي سگهي ٿو اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سماج ۾ اڃا تائين ڪيترائي ماڻهو ايڇ آءِ وي بابت مڪمل ڄاڻ نه ٿا رکن، جنهن سبب بيماري تيزي سان پکڙجڻ جا خدشا وڌي وڃن ٿا، تنهن ڪري ضروري آهي ته عوام ۾ آگاهي مهم هلائي وڃي هنن نوجوانن تي زور ڀريو ته هو صحت بابت سنجيده رهن ۽ ڪنهن به شڪ جي صورت ۾ فوري طور طبي ماهرن سان رابطو ڪن هوڏانهن نوابشاهه ۾ وڌندڙ سخت گرمي کي نظر ۾ رکندي پ پ شهيد پيتو پاران شهرين لاءِ ٿڌي پاڻي جي سبيل پڻ لڳائي وئي، جتان وڏي انگ ۾ ماڻهن پاڻي پي پنهنجي اڃ اجهائي شهرين ان عمل کي ساراهيندي چيو ته سخت گرمي ۾ ٿڌي پاڻي جي سبيل لڳائڻ هڪ سٺو سماجي قدم آهي

بقايا عوامي سوچ 25

هون آيو آهي، جنهن بعد اسڪول جي انچارج اعظم شاهه تي سنگين الزام لڳايا ويا آهن متاثر خاتون روءت مسيح ڏيءَ ثناءُ الله، جيڪا رفسر ٽائون جي رهواسي ٻڌائي وڃي ٿي، پنهنجي بيان ۾ الزام هنيو آهي ته ڪيس ٽي ڏينهن اڳ هڪ عورت عيني معرفت اسڪول ۾ تدريسي نوڪري ملي هئي، جتي ڊيوٽي دوران اسڪول انچارج اعظم شاهه ڪيس ڪم جي بهاني آفيس ۾ گهرايو متاثر خاتون موجب جيئن ئي هوءَ ڪمري ۾ داخل ٿيو ته جوابدار مبينا طور دروازو بند ڪري ساڻس زبردستي جنسي زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هن الزام لڳايو ته اعظم شاهه ڪيس عهدي ۽ ترقيءَ جو لالچ ڏئي حراسان ڪيو، سندس ڪپڙا ڦاڙڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جسماني طور دست درازي ڪئي خاتون جو چوڻ آهي ته سندس رڙين ۽ مزاحمت بعد جوابدار ڪيس ڇڏيو، پر ساڳئي وقت سخت نتيجا ڀوڳڻ ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون متاثر استاني پوليس ۽ اعليٰوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪيس تحفظ فراهم ڪري انصاف ڏياريو وڃي متاثر جو چوڻ هو ته اهڙي فرياد وومين ٿاڻي تي ڏني پر ڪنهن نوٽس نه ورتو. ٻئي طرف واقعي بابت اسڪول انتظاميا ۽ نامزد جوابدار اعظم شاهه جو موقف وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر سندن طرفان اڃا تائين ڪو به ردعمل سامهون ناهي آيو

بقايا عوامي سوچ 26

نعريبازي ڪئي ۽ مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ امن امان بحال ڪري چورين ۽ ڦرون روڪيون وڃن. اڳواڻن چيو ته روزانو واپاري، پورهيت ۽ شهري ڌوهارين جي رحم ڪرم تي آهن، پر پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي. ڌرڻي دوران اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن بدامني ختم نه ڪئي وئي ۽ جوابدار گرفتار نه ٿيا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. پوليس عملدارن مظاهرين سان ڳالهيون ڪري جلد ڪارروائي جي خاطري ڪرائي، جنهن بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 27

ي، شزاد لغاري، شزيب مري، نذير ڪيريو سميت وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان موقعي تي نون شامل ٿيندڙ ڪارڪنن کي گلن جا هار پارايا ويا آن موقعي تي اڳواڻن چيو ت ترقي پسند پارٽي هميشا سنڌ ۽ واسين جي حقن جي حاصلات لا جدوجهد ڪئي ان جدوجهد دوران اسان جي ڪيترن ڪارڪنن کي شهيد ڪيو ويو پر پارٽي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جي قيادت ۾ ڪارڪنن جا حوصلا بلند آهن ڪهڙيون ب حالتون هجن اسان جي جدوجهد جاري رهندي

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

ڳاڙهو شهر ۽ ان جي آسپاس منشيات جي خاتمي لاءِ پوليس پاران هڪ وڏي ۽ ڪامياب ڪاروائي عمل ۾ آندي وئي

جنهن دوران گٽڪو تيار ڪندڙ فيڪٽريءَ کي سيل ڪري وڏي مقدار ۾ سامان هٿ ڪيو ويو

سي آءِ اي ٺٽو سان گڏجي شهر جي هڪ رهائشي علائقي ۾ قائم گٽڪو ٺاهڻ جي فيڪٽري تي اچانڪ ڇاپو هنيو

استعمال ٿيندڙ جديد مشينون، وڏي مقدار ۾ ردي، سوپاري، ڪيميڪل ۽ ٻيو ممنوع ميٽريل پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

ڳاڙهو (رپورٽ جاويد علي خاصخيلي) ڳاڙهو شهر ۽ ان جي آسپاس منشيات جي خاتمي لاءِ پوليس پاران هڪ وڏي ۽ ڪامياب ڪاروائي عمل ۾ آندي وئي آهي، جنهن دوران گٽڪو تيار ڪندڙ فيڪٽريءَ کي سيل ڪري وڏي مقدار ۾ ساما/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

قبرستان ۽ گهرن جي زمين تي قبضي خلاف رٽائرڊ فوجي جو احتجاج، بااثرن تي باهه ڏيڻ، وڻ وڍڻ ۽ قتل جون ڌمڪيون ڏيڻ جا الزام

ڳوٺ جي بااثر ماڻهن سندن ڏيڍ ايڪڙ زمين تي قائم قبرستان ۽ گهرن جي لوڙهي کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي

قبضي کان روڪڻ تي نور نبي جويو، حفيظ جويو، غلام مصطفيٰ جويو، منظور جويو، عيسيٰ جويو، پيارو جويو ۽ ٻيا ساڻس دشمني تي لهي آيا آهن

جيڪي مختلف هنڌن تي سندس خلاف ڪوڙيون درخواستون ڏئي ڪيس خاموش ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) راڄڻ ٽاٽي جي حد ڳوٺ مولوي محمد صديق جويو جي رهواسي رٽائرڊ فوجي اعجاز جويو دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳايو آهي ته ڳوٺ جي بااثر ماڻهن سندن ڏيڍ ايڪڙ زمين تي قائم قبرس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

دادو:راڄڻ ٽاٽي جي حد ڳوٺ مولوي محمد صديق جويو جي رهواسي رٽائرڊ فوجي اعجاز جويو دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي

ميرپورخاص شهر ۾ نون ڪارڪنن جي پارٽي ۾ شموليت جي سلسلي ۾ استقباليه تقريب منعقد

تقريب ۾ اڪبر شر، عبدالرزاق مري، شهزاد لغاري، شهزيب مري، نذير ڪيريو سميت وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن شرڪت

ان موقعي تي پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ نون ڪارڪنن کي گلن جا هار پارايا ويا

ميرپورخاص(رپورٽ سومارسميجو) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ضلعي رابطا سيڪريٽري نور محمد مهر جي اڳواڻي ۾ ميرپورخاص شهر ۾ نون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

درگه بالا جي بااثرن خلاف مري برادري جو احتجاج، 400 کان وڌيڪ ٻڪرا ڦر ڪرڻ ۽ 50 هزار رپيا ڦر ڪرڻ جا الزام

محمد بخش مري ۽ ٻين درگه بالا جي ايس ايڇ او ۽ ڳوٺ جي بااثر منشيات فروشن خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

بشارت لغاري هٿيارن جي زور تي سندن قرباني جا 400 کان وڌيڪ ٻڪرا ۽ قيمتي ٻڪريون زبردستي ڌاڙو هڻي ڪٽي ويا آهن

سندن نيڪ مرد مير بيگ مري کي هٿيارن جي زور تي روڪي ڪانئس 50 هزار رپيا روڪ رقم ۽ ٻيو سامان پڻ ڦر ڪيو ويو آهي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) جوهي جي ڳوٺ حاجي خان لغاري جي مري برادري جي ماڻهن مختيار مري، علي بخش مري، احسان مري، محمد بخش مري ۽ ٻين درگه بالا جي ايس ايڇ او ۽ ڳوٺ جي بااثر منشيات فروشن خلاف دادو پريس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو جي صدارت هيٺ ميرپورخاص ۾ صحت بابت اهم اجلاس

احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ ۽ اسپتالن ۾ صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو

عمرڪوٽ جي صحت آفيسرن، پي پي ايڇ آءِ جي ضلعي مينيجرن، مختلف تعلقن جي اسپتالن جي ايم ايس ۽ ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي

هن اسپتالن ۾ صفائي سترائي ۽ بنيادي احتياطي اپائن کي يقيني بڻائڻ جي پڻ هدايت ڪئي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊاڪٽر عذرا پيچوهو هڪ ڏينهن جي دوري تي ميرپورخاص پهتي، جتي هن ڪمشنر ڪميٽي هال ۾ ڊويزن ڀر جي صحت کاتي جي آفيسرن سان اهم اجلاس جي صدارت ڪئي اجلاس ۾ عوا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

مبينا لينڊ مافيا اسڪينڊل نئون رخ اختيار ڪري ويو

جتي اينٽي ڪرپشن پوليس جي حراست ۾ موجود روينيو کاتي جي مبينا فرنٽ مين امتياز برفت جاچ دوران اهم انڪشاف

اهو جعلي کاتن، سرڪاري رڪارڊ ۾ ردوبدل، بينامي ملڪيتن ۽ جعلي دستاويزن ذريعي شهرين ۽ سرڪاري زمينن تي قبضا ۽ وڪرو ڪرڻ ۾ ملوث رهيو آهي

امتياز برفت موجب هن مبينا نيٽ ورڪ کي ڊي سي آفيس جي پي اي خالد جي سرپرستي حاصل هئي

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو) مبينا لينڊ مافيا اسڪينڊل نئون رخ اختيار ڪري ويو آهي، جتي اينٽي ڪرپشن پوليس جي حراست ۾ موجود روينيو کاتي جي مبينا فرنٽ مين امتياز برفت جاچ دوران اهم انڪشاف ڪندي هڪ منظم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

گذريل ڏينهن ٺٽو ٽريزري آفيس تي ڪجهه شرپسند عنصرن پاران حملو، ٽريزري عملي تي تشدد ڪرڻ واري واقعي خلاف احتجاج

ملازمن مڪمل ڪم جو بائيڪاٽ ڪندي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌيون ۽ واقعي خلاف سخت نعريبازي

احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ٽريزري ويلفيئر ايسوسيئيشن سنڌ جي وائيس چيئرمين نور نواز زرداري ۽ صوبائي صدر ذوالفقار بلوچ ڪئي

ٺٽو ٽريزري آفيس تي حملو دراصل سرڪاري ادارن جي رٽ کي چيلينج ڪرڻ جي برابر آهي

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو) گذريل ڏينهن ٺٽو ٽريزري آفيس تي ڪجهه شرپسند عنصرن پاران حملو ڪري ٽريزري عملي تي تشدد ڪرڻ واري واقعي خلاف اڄ ميرپورخاص ٽريزري آفيس جي ملازمن سخت احتجاج ڪيو ملازمن مڪمل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ضلع ٺٽي ۾ بغير اجازت چارديواري جي تعمير تي پابندي لاڳو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳت ضلعي ڀر ۾ بغير اجازت ۽ غير قانوني طور چارديواري جي تعمير جو نوٽيس

لاڳاپيل آفيسرن کي سخت هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس پاران هڪ باقاعده سرڪيولر جاري ڪيو ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ضلع ٺٽي ۾ بغير اجازت چارديواري جي تعمير تي پابندي لاڳو ـ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳت ضلعي ڀر ۾ بغير اجازت ۽ غير قانوني طور چارديواري جي تعمير جو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل آفيسرن کي سخت هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس پاران هڪ باقاعده سرڪيولر جاري ڪيو ويو آهي جاري ڪيل سرڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

OFFICE OF THE DEPUTY COMMISSIONER
DISTRICT THATTA
CIRCULAR

ڪنب ۾ ڀتوخوري ۽ پوليس جي مبينا ناانصافين خلاف احتجاج

علي رضا چاڪراڻي ۽ فدا شر نالي جوابدار ڪين فون ذريعي 30 لک رپيا ڀتو طلب ڪري رهيا آهن

رقم نه ڏيڻ جي صورت ۾ سخت نتيجن جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

ڪنب (رپورٽ مظفر علي سيال) ڪنب ۾ ڀتوخوري ۽ پوليس جي مبينا ناانصافين خلاف احتجاج رپورٽ موجب، ڪنب جي ڳوٺ صاحب خان چاڪراڻي واسين پاران ڀتوخوري ۽ پوليس جي مبينا ناانصافين خلاف ڪنب ٿاڻو آڏو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

اوڏيرولال. زال کي مبينا اغوا ڪندڙن خلاف معصوم پٽ سميت اڪرم بروهي احتجاج ڪندي

ڏوڙ واسي اڪرم بروهي معصوم پٽ سميت پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو

تنڊو آدم ڇتا موري ۾ هڪ پيرسن سان نڪاح متان نڪاح ڪرائي ڇڏيو آهي

مون پنهنجي گهرواري کي طلاق ناهي ڏنو گهرواري کي هڪ چڪر سامهون آندو وڃي جي گڏ رهڻ نٿي چاهي

اوڏيرولال اسٽيشن (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) ڏوڙ واسي اڪرم بروهي معصوم پٽ سميت پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي الزا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب18

سانگهڙ جي رهواسين بااثر پاڙيسري رحمت عرف ٻبلو ۽ پوليس جي مبينا ظلم خلاف احتجاج

سندن گهر اڳيان حڪومت پاران پيور بلاڪ روڊ تعمير ڪيو ويو آهي

جتي هو مالوند ماڻهو هجڻ ڪري پنهنجا مال مويشي ٻڌندا رهيا آهن

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ لڳ پادري ڳوٺ جي رهواسين بااثر پاڙيسري رحمت عرف ٻبلو ۽ پوليس جي مبينا ظلم خلاف عوامي پريس ڪلب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

مريد ڪوسو پوليس اسٽيشن جي حد ڳوٺ ميوو خان ڪوسو جو 19 سالا نينگر پراسرار نموني گم ٿي ويو

نينگر بشير احمد ولد يوسف ڪوسو ٽي ڏينهن اڳ چوهڙ جمالي ۾ درزي کي عيد جي ڪپڙن جي ناپ ڏيڻ جو چئي ويو هو

سندس وارثن رات ڏينهن نه موٽڻ تي رشتيدارن دوستن ۽ آس پاس ۾ گهڻي ڳولا به ڪئي آهي

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) چوهڙجمالي پرسان مريد ڪوسو پوليس اسٽيشن جي حد ڳوٺ ميوو خان ڪوسو جو 19 سالا نينگر پراسرار نموني گم ٿ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب16

ٽنڊوالهيار جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي عمر قيد ۽ 10 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

مضبوط دليلن بعد قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪيس عمر قيد ۽ 10 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي عمر قيد ۽ 10 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي. جوابدار جيل منتقل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

رئيس محمد علي خان ملڪاڻي پنهنجي آفيس ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ۽ مختلف وفدن سان ملاقاتون

روزگار، صحت، تعليم فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ سان لاڳاپيل معاملن بابت آگاهه ڪيو ويو

محمد علي ملڪاڻي سمورن ماڻهن جا مسئلا غور سان ٻڌا ۽ لاڳاپيل عملدارن کي ترت حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني)صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ۽ پيپلزپارٽي ضلعي سجاول جي صدر رئيس محمد علي خان ملڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت هيٺ اهم گڏجاڻي

عيد نماز جي اجتماعن دوران ماڻهن جي تحفظ توڙي امن امان کي برقرار رکڻ لاءِ فل سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا وڃن

شرپسند عناصر تي ڪڙي نظر رکي وڃي،هن صحت کاتي جي عملدارن کي هدايت

مٺي(رپورٽ محمدرحيم مگريو) عيدالعضحيٰ جي موقعي تي مسجدن،عيدگاهن ۽ امام بارگاهن جي حفاظتي اپائن توڙي صفائي سترائي جي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب13

ايڪسيئن حيسڪو ڊگهڙي ظفر علي سولنگي نئون ڪوٽ جو دورو

نئون ڪوٽ سٽي فيڊر تي بجلي چوري ۽ غيرقانوني ڪنيڪشنن خلاف جاري آپريشن جو تفصيلي جائزو ورتو

جيئن شهرين کي بهتر ۽ بنا رڪاوٽ بجليءَ جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي

نئون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير) ايڪسيئن حيسڪو ڊگهڙي ظفر علي سولنگي نئون ڪوٽ جو دورو ڪري نئون ڪوٽ سٽي فيڊر تي بجلي چوري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب12

جيتوڻيڪ سڄي سنڌ ۾ منشيات خلاف مختلف نوعيت جون ڪارروايون جاري آهن: ميان اشتياق علي

جيتوڻيڪ سڄي سنڌ ۾ منشيات خلاف مختلف نوعيت جون ڪارروايون جاري آهن

منشيات جو ڪاروبار سرعام جاري رهيو، جنهن سبب نوجوان نسل تباهي جي ڪناري تي پهچي رهي هئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)انٽرنيشنل صحافتي تنظيم پاڪستان جرنلسٽ ايسوسيئيشن جي مرڪزي چيئرمين ميان اشتياق علي پاران جاري ڪي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

PAKISTAN
Journalist Association
Registered by Government of Pakistan
PJA
Introducing
MIAN
ISHTIAQ ALI
CENTRAL CHAIRMAN
PAKISTAN JOURNALIST ASSOCIATION
A dedicated leader with vision, integrity and commitment to serve the people and strengthen journalism.
Working together for a stronger, united and responsible media.
www.pja.org.pk
chairman@pja.org.pk

عيد ۾ باقي چند ڏهاڙا هجڻ باوجود بازارن جون رونقون بحال نه ٿي سگهيون

وڌندڙ مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ شهرين کان عيد جون خوشيون کسي ورتيون

شاهبندر جي مک مرڪزي شهر چوهڙجمالي ۾ عيد خريداري نه هجڻ ڪري واپاري پريشان

چوهڙ جمالي (رپورٽ شاهدحسيني)عيد ۾ باقي چند ڏهاڙا هجڻ باوجود بازارن جون رونقون بحال نه ٿي سگهيون . وڌندڙ مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي ا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ڪراچي جوهر ڪمپليڪس ۾ قومپرست اڳواڻ شهيد محمد قاسم چانڊيو جي 13 هين ورسي ملهائي وئي

تاريخ شاهد آهي ته جيڪي ماڻهو حق، سچ ۽ قوم جي بقا لاءِ جان ڏين ٿا، اهي ڪڏهن به وسرندا. ناهن ملڪ چانڊيو، اصغر پاٽڻي

شهيد قاسم چانڊيو جي قرباني سنڌ جي قومي جدوجهد جو هڪ اهم باب آهي سندس نالو هميشه انهن دلين ۾ زنده رهندو. اڳواڻن جون ڳالهيون

اسان جو فرض آهي ته شهيدن جي فڪر، جدوجهد ۽ قربانين کي ياد رکون، ڇو ته جيڪي قومون پنهنجن شهيدن کي وساري ڇڏينديون آهن

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي جوهر ڪمپليڪس ۾ قومپرست اڳواڻ شهيد محمد قاسم چانڊيو جي 13هين ورسي ملهائي وئي تاريخ شاهد آهي ته جيڪي ماڻهو حق، سچ ۽ قوم جي بقا لاءِ جان ڏين ٿا، اهي ڪڏهن به وسرندا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب19

ڊاڪٽر سڪندر علي منڌرو سول اسپتال بدين ۾ ورلڊ هائپر ٽينشن ڊي ملهايو ويو

تقريب جو مقصد عوام ۾ هاءِ بلڊ پريشر جي خطرن، احتياطي تدبيرن ۽ وقت سر تشخيص بابت شعور پيدا ڪرڻ هو

ڊاڪٽر ارشد علي خواجا تقريب ۾ موجود شرڪاءَ جو بلڊ پريشر چيڪ ڪيو ۽ هاءِ بلڊ پريشر کان بچاءُ بابت تفصيلي آگاهي فراهم ڪئي

هاءِ بلڊ پريشر هڪ خاموش بيماري آهي، جيڪا بظاهر علامتن کانسواءِ انساني صحت کي سخت نقصان پهچائي سگهي ٿي

بدين(رجب راهمون) : ڊاڪٽر سڪندر علي منڌرو سول اسپتال بدين ۾ ورلڊ هائپر ٽينشن ڊي جي موقعي تي آگاهي تقريب ۽ واڪ جو اهتمام ڪيو ويو تقريب جو مقصد عوام ۾ هاءِ بلڊ پريشر جي خطرن، احتياطي تدبيرن ۽ وقت سر تشخيص بابت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب20

رٽائرڊ استاد پرفيسر ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ ڌاريجو لمس اسپتال ۾ وفات ڪري ويو

سندس مڙهه اسپتال کان سندس رهائشگاهه سنڌ يونيورسٽي هائوسنگ سوسائٽي فيز ون لڳ سنڌ ٻنڌڪ منتقل ڪيو ويو

اهڙي ڏک جي سڌ پوڻ تي ڄامشورو ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ ۾ سائنس ادب تي تحقيق ڪندڙ ۽ سائنسي ليک سائنس ادب تي ڪم ڪندڙ سنڌ يونيورسٽي جي رٽائرڊ استا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

WORLD HYPERTENSION DAY MAY 20th 2026
"Controlling Hypertension Together: Check Your Blood Pressure Regularly, Defeat the Silent Killer"
Dr. Sikandar Ali Mandhro Civil Hospital Badin

سماجي تنظيم جي آفيس سميت ڇهن هنڌن تان چوريءَ جون 4 وارداتون ڪري ويا متاثرين پاران الڳ الڳ اين سي داخل

لاڙڪ محلي مان نامعلوم چور سماجي تنظيم سجاڳ فورم جي آفيس سميت مختلف هنڌن تان چار چورين جون وارداتون ڪري ويا

نامعلوم چور سجاڳ فورم جي آفيس جا تالا ٽوڙي آفيس مان ڇت پکو بيٽري سولر پليٽ ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ويا

اسلم پنجابي جي دڪان جي ڏاڪڻ تان چڙهي سندس دڪان مان هزارين رپين جو آرميچر ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري ويا

احمدپور (رپورٽر) احمدپور شهر جي لاڙڪ محلي مان نامعلوم چور هڪ ئي رات اندر سماجي تنظيم جي آفيس سميت ڇهن هنڌن تان چوريءَ جون 4 وارداتون ڪري ويا متاثرين پاران الڳ الڳ اين سي داخل ڪرائي وئي رپورٽ موجب احمدپور شهر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب22

ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ۾ پيش آيل واقعي بابت اعليٰ سطحي اجلاس، سيڪيورٽي سخت ڪرڻ جون هدايتون

ناڻي کاتو حڪومتِ سنڌ مريم سليم سنجراڻي، انسپيڪٽر جنرل ٽريزرين اينڊ اڪائونٽس جي ٽيم سان گڏ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ٺٽو جو دورو ڪيو

دوري دوران هن ڪجهه ڏينهن اڳ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ۾ شرپسند عنصرن پاران عملي تي تشدد ۽ حملي واري واقعي جا تفصيل معلوم ڪيا

ٽريزري آفيس ۾ لاڳاپيل کاتن جي فوڪل پرسنز کانسواءِ ڪنهن به غير لاڳاپيل فرد کي داخلا جي اجازت نه ڏني وڃي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ۾ پيش آيل واقعي بابت اعليٰ سطحي اجلاس، سيڪيورٽي سخت ڪرڻ جون هدايتون ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل (انڪوائريز اينڊ ٽريننگ) ٽريزرين ۽ اڪائونٽس، ناڻي کاتو حڪومتِ سنڌ مريم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب23

ذوالفقار علي ڀٽو رابطا ڪميٽي نوابشاهه پاران عوامي آگاهي لاءِ خصوصي ڪيمپ قائم

جتي شهرين کي بيماري بابت معلومات فراهم ڪرڻ سان گڏ مفت صلاحون پڻ ڏنيون ويون

ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقيوم ميمڻ جنهن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقيوم ميمڻ خصوصي شرڪت ڪئي

ڪيمپ قائم ڪرڻ جو مقصد نوابشاهه جي عوام ۾ ايڇ آءِ وي جهڙي موذي مرض بابت شعور پيدا ڪرڻ آهي

نوابشاهه (رپورٽر) ذوالفقار علي ڀٽو رابطا ڪميٽي نوابشاهه پاران جونيئر ذوالفقار ڀٽو جي هدايتن تي ريگل چوڪ تي ايڇ آءِ وي کان بچاءُ ۽ عوامي آگاهي لاءِ خصوصي ڪيمپ قائم ڪئي وئي، جتي شهرين کي بيماري بابت معلومات فراهم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

هڪ خانگي تعليمي اداري سن پيٽرڪ اسڪول ۾ خاتون استاني کي مبينا طور حراسان ڪرڻ جي ڪوشش

جنهن بعد اسڪول جي انچارج اعظم شاهه تي سنگين الزام لڳايا ويا آهن

متاثر خاتون روٿ مسيح ڌيءَ ثناءُ الله، جيڪا رفسر ٽائون جي رهواسي ٻڌائي وڃي ٿي

ڪيس ٿي ڏينهن اڳ هڪ عورت عيني معرفت اسڪول ۾ تدريسي نوڪري ملي هئي

ميرپورخاص(رپورٽ: سومارسميجو) ميرپورخاص جي علائقي جمناداس ڪالوني ۾ قائم هڪ خانگي تعليمي اداري سن پيٽرڪ اسڪول ۾ خاتون استاني کي مبينا طور حراسان ڪرڻ جي ڪوشش وارو افسوسناڪ واقعو سام/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب25

سوڀوديرو جيئي سنڌ محاذ ۽ جسقم جي ڪارڪنن حاڪم علي منگي، ڪرم سامٽيو ۽ چاچو شاهنواز ٽاٽي اڳيان ڌرڻو

علائقي ۾ وڌندڙ چورين، ڌاڙن ۽ بدامني سبب عام ماڻهو سخت پريشان آهن، جڏهن ته پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهي آهي

روزانو واپاري، پورهيت ۽ شهري ڏوهارين جي رحم ڪرم تي آهن، پر پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي

سوڀوديرو (رپورٽر)سوڀوديرو جيئي سنڌ محاذ ۽ جسقم جي ڪارڪنن حاڪم علي منگي، ڪرم سامٽيو ۽ چاچو شاهنواز ٽاٽي اڳيان ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪيو. ڪارڪنن جو چوڻ هو ته علائقي ۾ وڌندڙ چورين، ڌاڙن ۽ بدامني سبب عام ماڻهو سخت پريشان آهن. جڏهن ته پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهي آهي. مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ميرپورخاص شهر ۾ نون ڪارڪنن جي ايس ٽي پي ۾ شموليت تي استقباليه تقريب منعقد

تقريب ۾ اڪبر شر، عبدالرزاق مري، شزاد لغاري، شزيب مري، نذير ڪيريو سميت وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن شرڪت

ترقي پسند پارٽي هميشا سنڌ ۽ واسين جي حقن جي حاصلات لا جدوجهد ڪئي

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص ايس ٽي پي جي طرفان ضلعي رابطا سيڪريٽري نور محمد مهر جي اڳواڻي ۾ ميرپورخاص شهر ۾ نون ڪارڪنن جي ايس ٽي پي ۾ شموليت تي استقباليه تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ اڪبر شر، عبدالرزاق مر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27